# اسڪولي لسانيات

سڪندر ساگر پنهيار



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# اسڪولي لسانيات

تحقيق

سڪندر ساگر پنھيار

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر 298

# اسڪولي لسانيات

تحقيق: سڪندر ساگر پنهيار
ڇاپو پهريون: 2017ع
تعداد: 1000
قيمت: 200/= روپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Panhyar, Sagar Sikandar
Sindhi Language
Sindhi Language Authority.
ISBN: 978-969-625-143-9

**Schooli Lisanyat (Scholastic Linguistic)**

By: Sikandar Sagar Panhyar
First edition: August 2017
Quantity: 1000
Price: Rs. 200 /=
Layout: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: Pakeeza Printers Hyderabad Sindh
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| صفحو | عنوان | |
|---|---|---|
| 5 | ناشر پاران | |
| 6 | پنهنجي پاران | |
| 9 | اکر | سبق 1 |
| 10 | اکرن جي ورهاست | سبق 2 |
| 18 | اعراب | سبق 3 |
| 20 | آوازن جا قسم | سبق 4 |
| 22 | سُر جا اُچار | سبق 5 |
| 25 | سُر جا قسم | سبق 6 |
| 27 | نون "ن" | سبق 7 |
| 28 | الف ب جي سادي پٽي | سبق 8 |
| 29 | زبر جي ڪک پٽي | سبق 9 |
| 30 | زير جي ڪک پٽي | سبق 10 |
| 31 | پيش جي ڪک پٽي | سبق 11 |
| 32 | سادي ڪک پٽي سان سُر"ا" جو گڏيل آواز | سبق 12 |
| 33 | سادي ڪک پٽي سان سُر"و"جو گڏيل آواز (ڏگهو سُر _او) | سبق 13 |
| 34 | زبر جي ڪک پٽي سان سُر"و"جو گڏيل آواز (ٽِنو سُر_ اَو) | سبق 14 |
| 35 | پيشُ جي ڪک پٽي سان سُر"و"جو گڏيل آواز (ڏگهو سُر _ اُو) | سبق 15 |
| 36 | سادي ڪک پٽي سان سُر " ي "جو گڏيل آواز (ڏگهو سُر _ اي) | سبق 16 |

| صفحو | عنوان | |
|---|---|---|
| 37 | زَبر جي ڪڪ پٺي سان سُر "ي" جو گڏيل آواز (ٻٽو سُر) | سبق 17 |
| 38 | زير جي ڪڪ پٺي سان سُر "ي" جو گڏيل آواز (ڏگهو سُر _ اِي) | سبق 18 |
| 39 | اکر اُچارڻ جو طريقو | سبق 19 |
| 41 | لفظ پڙهڻ جا مرحلا | سبق 20 |
| 42 | لفظ پڙهڻ جا قاعدا | سبق 21 |
| 55 | انگن جوچارڻ | سبق 22 |
| 62 | سنڌي سُرن لاءِ انگريزي سُرن جا آواز | سبق 23 |
| 65 | گيتَ ڏٺيءَ جا گڏجي ڳايُون | سبق 24 |
| 66 | اَللهُ سائين | 24.2 |
| 67 | اَسان جو نَبِي سَڳوروصَلّي اللهُ عَلَيهِ وَآلِهِ وَسَلَم | 24.3 |
| 68 | پيارو نَبِي اَسان جو (نَعتِ) | 24.4 |
| 69 | اَسان جو وَطَنُ | 24.5 |
| 70 | اسان جو ڳوٺُ | 24.6 |
| 72 | سَچُ ڳالِهاءِ (نَظمُ) | 24.7 |
| 73 | فاطِمَه جِناحُ | 24.8 |
| 74 | باغُ جو سَيرُ | 24.9 |
| 75 | رَنگَ سُجاڻ (نَظمُ) | 24.10 |
| 76 | سُٺِيُون ڳالِهيُون | 24.11 |
| 77 | پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ | 24.12 |
| 78 | لالچ | 24.13 |
| 79 | ٻَڌِيءَ ۾ طاقتَ | 24.14 |

# ناشر پاران

محترم سڪندر پنهيار پهريون دفعو اسڪولي سطح تي لسانيات کي ٻارڙن ۾ متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پرائمري تعليمي سرشتي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن پڙهائجي؟ سُرن، اعرابن ۽ ڪک پٽين جي صوتياتي بيهڪ ڪيئن هئڻ گهرجي؟ سڪندر انهن عنوانن تي محنت ۽ تحقيق ڪري هيءُ ڪتاب لکي تيار ڪيو آهي، جيڪو يقيناً هڪ انقلابي قدم ئي چئبو. سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، علم لسان ۽ لسانيات جوعلم ٻارڙن کي پرائمري سطح تي ذهن نشين ڪرائبو ته ٻارن ۾ پڪي پختي ٻولي جنم وٺندي ۽ اڳتي هلي ٻار هنن علمن ۾ شوق ۽ چاهه سان ڊاڪٽريٽ جون ڊگريون به حاصل ڪري سگهندا. ٻار جڏهن يونيورسٽي سطح تي مضمونن جي چونڊ ڪندا ته ان وقت هنن علمن کان اڳ ئي واقف هوندا ۽ هنن علمن کي ترجيح ڏيندا. ان سان نوجوانن جو هڪ چڱو خاصو تعداد ٻوليءَ تي تحقيق ڏانهن مائل ٿيندو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ جو مقصد به انهيءَ سوچ کي عام ڪرڻ آهي ته ٻوليءَ جي علم جون مختلف شاخون اسڪولي ۽ ڪاليجي سطح تي متعارف ٿيڻ گهرجن ۽ ٻار پنهنجي بنيادي ڪلاسن ۾ ٻوليءَ جي علم کان واقف ٿي سگهن، توڙي جو هن عمل جا ڪي تڪڙا نتيجا نه به نڪرن، پر ايندڙ وقتن ۾ هن جو لاڀ ضرور حاصل ٿيندو. مضمونن جي چونڊ اتفاقي يا حادثاتي نه، پر ڪنهن رٿابنديءَ سان هئڻ گهرجي. اسان کي اميد آهي ته سنڌ جو تعليم کاتو هن ڪتاب کي اسڪولي سطح تي متعارف ڪرائيندو. هي ڪتاب سو سيڪڙو نه ئي سهي، پر ڪنهن حد تائين اسان جي اسڪولي تعليم ۾ رهبر جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

20 آگسٽ، 2017ع
حيدرآباد، سنڌ

ادارو

# پنهنجي پاران

تعليم انسان جي ذهني ۽ شعوري تربيت جو ذريعو آهي. ڪابہ تعليم ٻوليءَ کان سواءِ ناممڪن آهي. ٻولين ۾ وري مادري ٻوليءَ ۾ سکيا ڏيڻ وارو عمل بنيادي حيثيت رکي ٿو، پر اڄ جي هن جديد دور ۾ مادري ٻولين کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. نتيجي ۾ ٻار پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ کان محروم رهجي وڃي ٿو. مادري ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ هر قوم جي فرد جو بنيادي حق آهي ۽ اهو حق کسڻ ان سان ناانصافي ڪرڻ جي برابر آهي.

سنڌيءَ جي حوالي سان گذريل ڪيترن ئي سالن کان سرڪاري، نيم سرڪاري توڙي نجي اسڪولن ۾ جيڪو درسي ڪتاب پڙهايو وڃي ٿو، ان جي تياريءَ تي ڪو خاص توجهہ ناهي ڏنو ويو. انهيءَ ڪري ضروري هو تہ ڪو اهڙو مثالي ڪتاب تيار ڪجي، جيڪو صوتياتي اصولن تحت ٻارڙن کي پڙهائجي. هن ڪتاب ۾ پڙهائڻ جو بنياد هِجي واري طريقي تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ استاد شاگردن کي اعرابن جي مدد سان پڙهائي ٿو. اهو هڪ پراڻو ۽ مُستند طريقو آهي، پر ان طريقي تي هن وقت نہ توجهہ ڏنو وڃي ٿي ۽ نہ ئي صحيح طرح سان پڙهائڻ وارا رهيا آهن. ان ڪري هي طريقو نہ پڙهائڻ جي برابر وڃي رهيو آهي. ٻارن کي لفظن جي صورت سمجهائڻ بدران رٽو لڳرايو وڃي ٿو. نتيجي ۾ شاگرد هِجي موجب پڙهي لفظ کي سمجهڻ بدران لفظ جي صورت کي ئي رٽو لڳائي ياد ڪري ٿو. جنهن سان لفظ جي صورت مستقل طور تي ذهن ۾ نٽي ويهي ۽ ٿوري وقت کان پوءِ لفظ جي صورت وسري وڃي ٿي. ٻولي سيکارڻ جي عمل ۾ پڙهڻ جو اهم ڪردار آهي، جو اڳتي هلي لکڻ جو مُحرّڪ بڻجي ٿو.

لفظ جي صورت کي پڙهڻ واري گهرج مطابق سامهون رکي نئين سر نصابي ڪتاب جي تشڪيل ڏني وئي آهي، جنهن ۾ سُر (vowel) ۽ وينجن (consonant) جي بنياد تي

لفظ کي پڙهڻ جا طريقا ڏنا ويا آهن جنهن جي آڌار تي سولائيءَ سان لفظ جي صورت کي پڙهي سگهجي ٿو. هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي آڌاريل آهي. پهرين ڀاڱي ۾ لفظ پڙهڻ کانسواءِ ان کي اُچارڻ جي ڄاڻ ڏني وئي آهي ۽ آخر ۾ زندگيءَ سان روزمره جا سلهاڙيل لفظ ڏنا ويا آهن. ڀاڱي ٻئي ۾ سبقن جا نمونا ڏنا ويا آهن ۽ لفظن تي اعراب جي ڀرپور ضرورت جو پڻ استعمال ڪيو ويو آهي.

آءٌ ڪيترن ئي سالن کان وٺي تدريس جي شعبي سان لاڳاپيل آهيان ۽ سنڌي پڙهائي رهيو آهيان ۽ان وقت هانوءَ ٻُڏي ويندو هو، جڏهن گلن جهڙن ٻارڙن جي چپن تي ماٺ لڳي ويندي هئي ۽ نماڻائيءَ سان چوندا هئا ته سائين! هي لفظ پڙهڻ نٿو اچي. خير، آءٌ ته پراڻي طريقي جي آڌار تي اهو لفظ پڙهائي ويندو هئس، پر ٻارن ۾ لفظ نه پڙهڻ وارو احساس سدائين ستائيندو رهيو. نيٺ هڪ ڏينهن مسئلي جو حل ملي ويو، جيڪو هن ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪيو اٿم.

هيءُ ڪتاب جڏهن مڪمل تيار ٿي چڪو هو ته ذهن ۾ خيال آيو ته ڇا هي طريقو لفظ کي پڙهڻ جي ڀرپور ضرورت ۽ تقاضا پوري ڪري ٿو؟ ڇا ڪتاب ۾ ڏنل پڙهڻ جا قاعدا انهن شاگرد لاءِ لاڀائتا ٿيندا، جيڪي لفظ نٿا پڙهي سگهن؟ نه ڄاڻ اهڙا ڪيترائي سوال ذهن ۾ پئي قِريا. آزمائش طور نيٺ مختلف ڪلاسن ۾ انهن شاگردن جي چونڊ ڪيم، جيڪي لفظ جي صورت ۾ پڙهي نه پئي سگهيا. ڪتاب ۾ ڏنل سبق جڏهن ترتيب سان پڙهايم ۽ مشق ڪرايم ته هڪ مختصر عرصي ۾ نه رڳو ٻار لفظ پڙهڻ سکي ويا، پر مختلف ڪتاب روانيءَ سان پڙهڻ لڳا. لفظن کي سُر (vowel) ۽ وينجن (consonant) جي آڌار تي پڙهڻ بابت هيءُ هڪ ابتدائي ڪوشش آهي. ممڪن آهي ته ٻوليءَ جي ماهرن کي ڪٿي اوڻائي محسوس ٿئي. جيڪڏهن ڪتاب جي باري ۾ ڪو سجهڻ رهبريءَ لاءِ وڪ وڌائيندو ته سندس آجيان ڪئي ويندي. اميد ته هيءُ ڪتاب پڙهڻ واري عمل ۾ انهن سيني شاگردن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو، جيڪي لفظ جي صورت کي نٿا پڙهي سگهن.

علم جو خادم
سڪندر ساگر پنهيار

2 جولاءِ 2017ع
دادو، سنڌ

# اکر

لفظ جو تمام ننڍو حصو جيڪو هڪ آواز کي ظاهر ڪري، ان کي اکر چئبو آهي، يعني ٻوليءَ جي آوازن کي جڏهن ڪنهن لکيل صورت ۾ ظاهر ڪندڙ نشان يا علامت ۾ آڻبو ته اهڙين لکيل صورتن کي اکر چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاونجاهه اکر آهن.

## 1.1 سِنڌِي ٻولِيءَ جا اکر

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا 1 | ب 2 | ٻ 3 | ڀ 4 | ت 5 | ٿ 6 | ٽ 7 | ٺ 8 |
| ث 9 | پ 10 | ج 11 | ڄ 12 | جھ 13 | ڃ 14 | چ 15 | ڇ 16 |
| ح 17 | خ 18 | د 19 | ڌ 20 | ڏ 21 | ڊ 22 | ڍ 23 | ذ 24 |
| ر 25 | ڙ 26 | ز 27 | س 28 | ش 29 | ص 30 | ض 31 | ط 32 |
| ظ 33 | ع 34 | غ 35 | ف 36 | ڦ 37 | ق 38 | ڪ 39 | ک 40 |
| گ 41 | ڳ 42 | گھ 43 | ڱ 44 | ل 45 | م 46 | ن 47 | ڻ 48 |
| | | و 49 | ھ 50 | ء 51 | ي 52 | | |

# اکرن جي ورهاست

ٻوليءَ جي ماهرن اکرن کي ڪيترن ئي قسمن ۾ ورهايو آهي، جيئن اکرن جي سڃاڻپ آساني سان ڪري سگهجي. اکرن جا پنج قسم آهن.

## 2.1 نقطن وارا اکر

جن اکرن تي نقطا اچن ٿا، تن کي عربيءَ ۾منقوط اکر يعني نقطن وارا اکر چئبو آهي. سنڌي آئيويٽا ۾ نقطن وارا اکر هيٺينءَ طرح آهن:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | ٽ | ٺ | ث |
| پ | ج | ڄ | جهہ | ڃ | چ | ڇ | خ |
| ڌ | ڏ | ڊ | ڍ | ذ | ڙ | ز | ش |
| ض | ظ | غ | ف | ڦ | ق | ڳ | ڱ |
| | | | ن | ڻ | | | |

## 2.2 بنا نقطن وارا اکر

اهڙي قسم جا اکر جن تي ڪو بہ نقطو نہ آهي، تن اکرن کي عربيءَ ۾غير منقوط يعني بنا نقطن وارا اکر چئبو آهي. سنڌي آئيويٽا ۾ بنا نقطن وارا اکر هيٺينءَ طرح آهن:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ح | د | ر | س | ص | ط |
| ع | ڪ | ک | گ | گھ | ل | م |
| | | و | ھ | ء | | |

## 2.3 ترڪيبي اکر

اهي اکر جيڪي ٻين اکرن سان ڳنڍجي لفظ ٺاهڻ وقت پنهنجو ڪو ڀاڱو ڪيرائي يعني پنهنجي اصل صورت مٽائي پوءِ ڳنڍيجن، انهن اکرن کي ترڪيبي اکر چئبو آهي. ترڪيبي اکرن جون ٽي صورتون هونديون آهن. هيٺيان اکر ”ترڪيبي اکر“ چورائين ٿا:

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ب | ٻ | ڀ | ت | ث | ٿ | ٽ | ث | پ |
| ج | ڇ | ح | ڃ | جھ | ڄ | چ | خ | ش |
| ص | ض | ط | ظ | ع | غ | ک | ف | ڦ |
| ق | ڪ | گ | ڳ | گھ | ڱ | ل | م | ن |
| | | ڻ | ھ | ء | ي | | | |

# 2.3.1 ترڪيبي اکرن جُون مختلف صورتون

| اکر | منڍ واري شکل | وچ واري شکل | پڇاڙيءَ واري شکل |
|---|---|---|---|
| ب | بـ | ـبـ | ـب |
| ٻ | ٻـ | ـٻـ | ـٻ |
| ت | تـ | ـتـ | ـت |
| ٽ | ٽـ | ـٽـ | ـٽ |
| ث | ثـ | ـثـ | ـث |
| ج | جـ | ـجـ | ـج |
| جھ | جھ | ـجھ | ـجھ |
| چ | چـ | ـچـ | ـچ |
| ح | حـ | ـحـ | ـح |

| اکر | منڍ واري شکل | وچ واري شکل | پڇاڙيءَ واري شکل |
|---|---|---|---|
| ٻ | ٻـ | ـٻـ | ـٻ |
| ڀ | ڀـ | ـڀـ | ـڀ |
| ٿ | ٿـ | ـٿـ | ـٿ |
| ٺ | ٺـ | ـٺـ | ـٺ |
| پ | پـ | ـپـ | ـپ |
| ڄ | ڄـ | ـڄـ | ـڄ |
| ڃ | ڃـ | ـڃـ | ـڃ |
| ڇ | ڇـ | ـڇـ | ـڇ |
| خ | خـ | ـخـ | ـخ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| س | سـ | ـسـ | ـس |
| ص | صـ | ـصـ | ـص |
| ط | طـ | ـطـ | ـط |
| ع | عـ | ـعـ | ـع |
| ف | فـ | ـفـ | ـف |
| ق | قـ | ـقـ | ـق |
| ک | کـ | ـکـ | ـک |
| ڲ | ڲـ | ـڲـ | ـڲ |
| ڴ | ڴـ | ـڴـ | ـڴ |
| م | مـ | ـمـ | ـم |
| ه | هـ | ـهـ | ـه |
| ي | يـ | ـيـ | ـي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ش | شـ | ـشـ | ـش |
| ض | ضـ | ـضـ | ـض |
| ظ | ظـ | ـظـ | ـظ |
| غ | غـ | ـغـ | ـغ |
| ڨ | ڨـ | ـڨـ | ـڨ |
| ک | کـ | ـکـ | ـک |
| گ | گـ | ـگـ | ـگ |
| گھ | گھـ | ـگھـ | ـه |
| ل | لـ | ـلـ | ـل-ـلا |
| ن | نـ | ـنـ | ـن |
| ء | ئـ | ـئـ | ـئ |

## 2.4 مجرد اکر

جيڪي اکر لفظ ٺاهڻ مهل ٻي اکر سان ڳنڍجڻ کان پوءِ پنهنجي اصل صورت ۾ قائم رهن ۽ صورت نہ مٽائن، انهن کي مجرد اکر چئبو آهي. سنڌي آئيوٽا ۾ "مجرد اکر" هيٺينءَ طرح آهن:

ا د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز و

### 2.4.1 مجرد اکرن جون صورتون

| اکر | منڍ واري شڪل | وچ واري شڪل | پڇاڙيءَ واري شڪل |
|---|---|---|---|
| ا | ا | ـــ | ـا |
| ڌ | ڌ | ـڌ | ـڌ |
| ڊ | ڊ | ـڊ | ـڊ |
| ذ | ذ | ـذ | ـذ |
| ڙ | ڙ | ـڙ | ـڙ |
| و | و | ـو | ـو |

| اکر | منڍ واري شڪل | وچ واري شڪل | پڇاڙيءَ واري شڪل |
|---|---|---|---|
| د | د | ـد | ـد |
| ڏ | ڏ | ـڏ | ـڏ |
| ڍ | ڍ | ـڍ | ـڍ |
| ر | ر | ـر | ـر |
| ز | ز | ـز | ـز |

# 2.5 مسروري اکر

هن قسم جو اکر لکڻ وقت هڪ صورت کي ظاهر ڪندو آهي، پر اچارڻ وقت هن قسم جي اکر مان ٻه آواز نڪرن ٿا، ٻيو آواز لکڻ وقت لکل يا ڳجهو رهي ٿو.

| لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت | لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت |
|---|---|---|---|
| ب | بي | ٻ | ٻي |
| ٿ | ٿي | ٽ | ٽي |
| پ | پي | ڄ | ڄي |
| چ | چي | ڇ | ڇي |
| ر | ري | ڙ | ڙي |
| ڦ | ڦي | ڪ | ڪي |
| ھ | ھي | ي | يي |

| لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت | لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت |
|---|---|---|---|
| ڀ | ڀي | ت | تي |
| ٺ | ٺي | ث | ثي |
| جھ | جھي | ڃ | ڃي |
| ح | حي | خ | خي |
| ز | زي | ف | في |
| ڳ | ڳي | ڱ | ڱي |

مٿي ڄاڻايل مثال ۾ ”ي“ جو آواز لکڻ وقت لکل نظر اچي ٿو ۽ اُچارڻ وقت ظاهر ٿئي ٿو.

**نوٽ:** استاد کي گهرجي ته شاگرد کي اُچارڻ واري صورت جو هرهڪ اکر ڌار ڪري سمجهائي.

# 2.6 ملفوظي اکر

هي اکر لکڻ وقت هڪ صورت کي ظاهر ڪري ٿو، پر اچارڻ وقت ان ۾ ٻه ٻيا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، جيڪي لکت ۾ ظاهر نٿا ٿين.

| لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت | لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت |
|---|---|---|---|
| ا | الف | ج | جيم |
| ذ | ذال | ڊ | ڊال |
| س | سين | ش | شين |
| ط | طُوي | ظ | ظُوي |
| ق | قاف | ڪ | ڪاف |
| م | ميم | ن | نون |

| لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت | لکڻ جي صورت | اُچارڻ جي صورت |
|---|---|---|---|
| د | دال | ڌ | ڌال |
| ڏ | ڏال | ز | زال |
| ص | صُواد | ض | ضُواد |
| ع | عين | غ | غين |
| گ | گاف | ل | لام |
| ڻ | ڻوڻ | و | واو |

ء الف همزه

ملفوظي اکر ۾ پنهنجي اُچاريل ٻئي آواز ڳجها رهن ٿا جيئن "ي" ۽ "م" جا آواز ڄاڻايا ويا آهن.

**نوٽ:** استاد کي گهرجي ته شاگرد کي اُچارڻ واري صورت جوهر هڪ اکر ڌار ڪري سمجهائي.

## 2.7 مڪتوبي اکر

هن قسم جا اکر لکڻ وقت هڪ صورت کي ظاهر ڪن ٿا. پر جڏهن أچاريا وڃن ٿا ته ان مان ٽي آواز ٻڌجن ٿا. جنهن ۾ پهريون ۽ ٽيون آواز هڪ جهڙو آهي. جيئن:

| لکڻ جي صورت | أچارڻ جي صورت |
| --- | --- |
| م | م+ي+م = ميم |
| ن | ن+ و+ن= نون |
| ڻ | ڻ+ و+ڻ= ٽوڻ |
| و | و + ا + و = واو |

# اعراب

اعراب هڪ اهڙي نشاني آهي، جيڪا سُر ۽ وينجن ۾ حرڪت پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. اعراب جي هڪ خاصيت اها به آهي ته جڏهن ڪا به اعراب سُر تي ايندي آهي ته سُر متنجي وينجن تي پوندو آهي. جيڪي اعرابون عام طور تي استعمال ۾ اچن ٿيون، سي هيٺ ڏجن ٿيون.

## 3.1 زبر(ـَ)

زبر کي عربيءَ ۾ ”فتح“ چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”مٿي“. زبر ڏنل اکر کي ”مَفتوح“ چئبو آهي، هن اکر جو اُچار ”الف“ جهڙو ٿيندو آهي. جڏهن به ڪنهن اکر مٿان زور اچي ۽ اُهو اکر ڇڙو اُچارجي ته اُن اکر مٿان زبر جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

| اکر | | لفظ | اکر | | لفظ | اکر | | لفظ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪَ+ٿَ | = | ڪَٿَ | گھَ+رَ | = | گھَرَ | ڄَ +ڄَ | = | ڄَڄَ |
| نَ +ٿَ | = | نَٿَ | پَ+ڳَ | = | پَڳَ | پَ+نَ | = | پَنَ |
| دَ +رَ | = | دَرَ | نَ+ڪَ | = | نَڪَ | وَ+ڻَ | = | وَڻَ |

## 3.2 زير(ـِ)

زير کي عربيءَ ۾ ”ڪسره“ چئبو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”هيٺ“. زير ڏنل اکر کي ”مڪسور“ چئبو آهي. هن اکر جو اُچار جهُڪي ”ي“ جهڙو ٿي

پوندو آهي جڏهن بہ ڪنهن اکر تي هيٺيان آواز جو زور اچي ۽ اهو ڇٽو اُچارجي تہ ان اکر هيٺان زير جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

| اکر | | لفظ | اکر | | لفظ | اکر | | لفظ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پِ+تِ | = | پِتِ | دِ+لِ | = | دِلِ | تِ+ڏِ | = | تِڏِ |
| چِ+تِ | = | چِتِ | ڏِ+سِ | = | ڏِسِ | پِ+تِ | = | پِتِ |

## 3.3 پيشُ (ـُ)

پيشُ کي عربيءَ ۾ "ضمه" يا "رفع" چئبو آهي. پيشُ ڏنل اکر کي "مَضموم" چئبو آهي. هن اکر جو آواز جهڪي "واو" جهڙو ٿيندو آهي. جڏهن اکر جي مٿان زور اچي ۽ چپ گول ڪري اکر ڇٽو اُچارجي تہ اُن اکر مٿان پيش جو استعمال ڪيو ويندو آهي.

| اکر | | لفظ | اکر | | لفظ | اکر | | لفظ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| بُ+ڪُ | = | بُڪُ | بُ+ڏُ | = | بُڏُ | لُ+ٽُ | = | لُٽُ |
| اُ+ٿُ | = | اُٿُ | اُ+ٿُ | = | اُٿُ | سُ+ٿُ | = | سُٿُ |
| گُ+لُ | = | گُلُ | پُ+چُ | = | پُچُ | گهُ+مُ | = | گهُمُ |
| بُ+تُ | = | بُتُ | جهُ+ٽُ | = | جهُٽُ | پُ+ٽُ | = | پُٽُ |
| سُ+ڪُ | = | سُڪُ | ڏُ+ڪُ | = | ڏُڪُ | پُ+ڄُ | = | پُڄُ |

# آوازن جا قسم

سنڌي ٻوليءَ ۾ آوازن جا ٻہ قسم آهن، هڪ وينجن ۽ ٻيو سُر، جن کي اکرن جي صورت ۾ لکڻ لاءِ نشانيون مقرر آهن، انهن کي لکيل صورت ۾ اکر يا حرف چئبو آهي. هڪڙا سُر (حرف علت) ۽ ٻيا وينجن (حرف صحيح) هوندا آهن.

## 4.1 وينجن

اهڙا آواز جيڪي اُچارڻ مهل وات واري ڪوپي ۾ هوا جي لنگهہ کي روڪي پوءِ نڪرن انهن کي وينجن چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 49 اکر وينجن لاءِ مقرر آهن.

### وينجن جا اکر

ج پ ث ٺ ٽ ت ڀ ٻ ب ح ڃ جھ ڄ چ ڇ
خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ
ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ ء

## 4.2 سُر

اهڙا آواز جيڪي اُچارڻ مهل نڙيءَ يا وات واري ڪوپي مان بنا ڪنهن رُڪاوٽ جي اُچاريا وڃن، انهن کي لکيل صورت ۾ ”سُر“ چئبو آهي.

ا - و - ي بنيادي حرف يا اکر آهن، جن جي مدد سان آ - اي - اِي - اَي - او - اَو - اِو - اُو - ائو وغيره سر ٺاهيا ويندا آهن.

## 4.3 سُر جي ورهاست

سُر آوازن کي ٻن حصن مفرد سُر ۽ مرکب سُر ۾ ورهايو ويو آهي.

### 4.3.1 مفرد سُر

مفرد جي معنيٰ آهي اڪيلو يا هڪ. اهڙا اکر جن مان رڳو هڪ آواز ٻُڌڻ ۾ اچي ان کي مفرد سُر چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي ٽي بنيادي اکرسُر جا آهن.

**مفرد سُر جا اکر**

ا _ و _ ي

### 4.3.2 مرکب سُر

جڏهن مفرد سُرن جي حرفن کي هڪٻئي سان ملائبو، يا ان سان ڪا به اعراب استعمال ڪئي وئي ته اهو مفرد سُر، خاص آواز ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، انهن کي ڊگها سُر چئبو آهي.

**مرکب سُرن جا اکر**

آ _اي _ اِي _ اَي

او_ اَو _ اِو _ اُو_ اَئُو

| | |
|---|---|
| ا + و = او | ا + وُ = اوُ |
| ا + ي = اي | اِ + ي = اِي |

# سُر جا اُچار

ا، و، ي، علت جا اکر آهن، جن کي مختلف نمونن ۾ اُچاري سگهجي ٿو.

## 5.1 سُر الف "ا"

اُچار جي لحاظ کان الف ٻن قسمن جو هوندو آهي. هڪ الف " ممدوده " ۽ ٻيو الف " مقصوره ".

### 5.1.1 الف ممدوده "آ"

جنهن الف کي ڊگهو ڪري اُچارجي، تنهن کي الف ممدوده چئبو آهي. جڏهن الف جي مٿان مد ڏبي ته الف ممدوده ٿي پوندو. اها مَد دراصل ٻئي الف جي لاءِ مقرر نشاني آهي.

مثال : ا + ا = آ ___ آدم

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آدَمُ | آصِفُ | آخِرِ | قُرآنُ | آرامُ | آسانُ | آذانِ | آمِنہ |
| آگاهہ | آبُ | آفاقُ | آزادُ | آذَرُ | آغازُ | آبادُ | آبادِي |

### 5.1.2 الف مقصوره "ٰ"

لفظن جي پڇاڙيءَ "ي" تي ڏنل ننڍڙي الف کي الف مقصوره چئبو آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| سلمیٰ | صغریٰ | عیسیٰ | عظمیٰ | موسیٰ |
| ڪُبریٰ | ادنیٰ | مُجتبیٰ | مصطفیٰ | اعلیٰ |

اها نشاني گهٽ ڪري سنڌيءَ ۾ عربيءَ مان آيل لفظن ۾ اچي ٿي.

## 5.2 سُر واو "و"

اُچار جي لحاظ کان واو "و" ٽن قسمن جو ٿيندو آهي. هڪ واو "معروف" ٻيو واو "مجهول" ۽ ٽيون واو "معدوله"

### 5.2.1 واو معروف "اُو"

واو معروف اهو واو آهي، جو لفظ جي آخر يا منڍ ۾ "اُو" جي اُچار سان ڪم اچي.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پالتُو | رولُو | حالتُون | جادُو | واڌُو | گهرُو | قابُو |
| جابَلُو | پينُو | وِڇُون | وِڄُون | يَڄُون | پُڄُون | هندُو |
| | | ڏينيُو | تارُون | رڳُون | پِٺُون | |

### 5.2.2 واو مجهول "او"

مجهول انهيءَ واو کي چئبو آهي، جو لفظ جي آخر ۾ "او" جي اُچار سان اچي.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| چولو | سولو | گهوڙو | پوڙهو | پَنو | ڳلو | پَڪو |
| ڇيلو | ڪُتو | ڪُلهو | ٻُوٽو | بوتو | قصو | دِلو |
| | | تارو | ڇوڪرو | ڀالو | تالو | |

### 5.2.3 واو معدوله "و"

اهو واو جو لکڻ ۾ اچي پر پڙهڻ ۾ نه اچي، تنهن کي واو معدوله چئبو آهي. اها خاصيت گهڻو ڪري سنڌيءَ ۾ فارسي مان آيل لفظن ۾ موجود آهي.

| لفظ | اُچار | لفظ | اُچار | لفظ | اُچار |
|---|---|---|---|---|---|
| خواب | خاب | خود | خُد | خوار | خار |
| خواهش | خاهش | خوش | خُش | خواه | خاه |

## 5.3 سُر "ي"

اُچار جي لحاظ کان "ي" جا پڻ ٻہ قسم آهن.هڪ ي "معروف" ٻيو ي "مجهول".

### 5.3.1 "ي" معروف

معروف"ي" انهيءَ"ي" کي چئبو آهي، جيڪا لفظ جي آخر ۾ وچ ۾ "اِي" جي اُچار سان اچي.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| بَٺِي | ٻَتِي | پَرِي | ٻَنِي | ڦُٽِي | ٻولِي | ڏَٻِي |
| مَڇِي | نِڙِي | چِٺِي | نَدِي | ماڙِي | ڪاتِي | ياتِي |
| | | جهاتِي | راٺِي | ٻيڙِي | جُتِي | |

### 5.3.2 "ي" مجهول

مجهول"ي" انهيءَ"ي" کي چئبو آهي، جيڪا لفظ جي آخر ۾ وچ ۾ "اي" جي اُچار سان اچي.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٻَري | هَلي | وَڃي | ڳُهمي | سُمهي | اَڇي | ڏِسي |
| سَڙي | ڪَري | پَري | ٽَري | ٻُڌي | پَڇي | نَچي |
| | | سَچي | ڪوڙِي | پالي | ڦِري | |

# سُر جا قسم

سُر جا ٽي قسم آهن. ڊگها سُر، ڇوٽا سُر ۽ ٻٽا سُر .

## 8.1 ڊگها سُر

ڊگها سُر اهي آهن، جيڪي وينجن سان استعمال ٿي آواز کي ڊگهو ڪن ٿا. هن قسم جا سُر غير متحرڪ وينجن جي اکرن کي متحرڪ ڪري ان جو آواز وڌائيندا آهن.

| لفظ | لفظن جو ڇيد | ڊگها سُر |
|---|---|---|
| صادق | ص _ ا _ د _ ق | ا |
| لوٽو | ل _ و _ ٽ _ و | و _ و |
| سِيٽي | سِ _ ي _ ٽ _ ي | ي _ ي |
| ڪراچِي | ڪ _ ر _ ا _ چ _ ي | ا _ ي |
| دادُو | د _ ا _ دُ _ و | ا _ و |
| وسِيم | و _ سِ _ ي _ م | و _ ي |
| وادِي | و _ ا _ دِ _ ي | و _ ا _ ي |

## 8.2 ڇوٽا (ننڍا) سُر:

ننڍا يا ڇوٽا سُر اعرابن وسيلي ظاهر ڪيا ويندا آهن، جنهن جي استعمال سان سُر ۽ وينجن جي اکرن ۾ حرڪت پيدا ٿيندي آهي حرڪت ڪندڙ سُر اُهي آهن جن ۾ اعرابن جو استعمال ڪيو ويندو آهي. انگريزي ننڍي سُر کي حرڪت ڪندڙ سُر بہ چئبو آهي. انهن کي لکت ۾ ظاهر ڪندڙ نشانين کي زير، زبر ۽ پيش (اعرابون) چئبو آهي.

| ننڍا سُر | لفظن جو ڇيد | لفظ |
|---|---|---|
| اِ | ت + اِ _ ڏ + اِ | تِڏِ |
| اَ | م + اَ _ ڄ + اَ _ ر + اَ | مَڄَرَ |
| اُ | ڪ + اُ _ ڪ + اُ _ ڙ + اُ | ڪُڪُڙُ |
| اَ _ اِ | ا + اَ _ ڪ + اِ | اَڪِ |
| اَ _ اُ | وَ + اَ _ ڻُ + اُ | وَڻُ |
| اُ _ اُ اَ | صُ + اُ _ بُ + اُحَ + اَ | صُبُحَ |
| اِ _ اُ اَ | اِ + اِس _ ڪُ+ اُ _ و _ لَ+ اَ | اِسڪُولَ |

## 8.3 ٻٽا سُر:

ڊگها سُر ۽ ٻٽا سُر گڏ ڪري لکبا تہ ٻٽا سُر ٿيندا آهن.

| ڇوٽا سُر | ڊگها سُر | لفظن جو ڇيد | لفظ |
|---|---|---|---|
| ءِ | گا | گ _ ا _ ءِ | گاءِ |
| ءِ | چا | چ _ ا _ ءِ | چاءِ |
| ڄَ | ئو | ڄَ _ ء _ و | ڄَئو |
| يَ | ئو | يَ _ ا _ ءِ _ و | يَئو |
| سَ | ئو + لو | سَ _ ء _ ل _ و | سَئولو |

## 8.4 گهٽا سُر:

اهڙا اکر جيڪي گهٽو ڪري نڪ مان اچاريا وڃن انهن کي گهٽا سُر چئبو آهي. مثال: آن _ اُون _ يا اَين وغيره

# نون "ن"

نون کي ٻہ ٽن نمونن سان اُچاري سگهجي ٿو هڪ چٽو (متحرڪ) ۽ ٻيو اڻ لکو (ساڪن) ۽ ٽيون گهُٽو يا غنو.

## 9.1 متحرڪ نون (ن)

جنهن لفظ ۾ "ن" جو آواز چٽو هجي. هيٺين لفظن ۾ "ن" متحرڪ آهي.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| نَڪَ | ڪَنَ | نيتُ | نِمازَ | مانِي | تَنِ | جَهانَ |
| جَنَتَ | مَهِينا | نالو | ڏِنو | نيڪَ | جُونَ | سامانَ |
| | | ٻارنِ | نيڪي | نانو | نانِي | |

## 9.2 ساڪن يا اڻ لَکو

ساڪن "ن" ٻن قسمن جو هوندو آهي هڪ "غنو" ٻيو "ساڪن".

### 9.2.1 نون غنو "ن"

اهو "ن" جو ڪن ٻہ ٻن وينجن جي وچ ۾ اچي، جنهن کي سندس اڳين ۽ پوئين اکر سان گڏي اُچارجي، تنهن کي نون ساڪن چئبو آهي. هن "ن" جو آواز اڻ چٽو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| بندُ | پَنڌُ | رِندُ | سِنڌُ | چِندُ | هِندُو |
| قُندُ | ڪَنڌُ | گَنبُ | منبو | اندو | چَنبُ |

### 9.2.2 نون ساڪن "ن"

اهو "ن" جو ڪنهن ٻہ لفظ جي وچ يا آخر ۾ اچي، سو نون غنو يا گهُٽو آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| سَنگُ | سَنگتُ | ڏَنگُ | زَنگُ | وَنگُ |
| جَنگُ | نانگُ | چَٽُون | مِرُون | لِکِين |
| ڏِسِين | وَسِين | لِکِياڻون | آنڌائون | ڏِنائون |
| ٻارِيون | سَجائِيندِي | چَياڻُون | ڪاڏائون | سوچِيائون |
| سارِيُون | ميڙِيندا | پوکِيائِون | پالِيون | |

# الف ب جي سادي پٽي

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | ٽ | ٺ |
| ث | پ | ج | ڄ | جھ | ڃ | چ | ڇ |
| ح | خ | د | ڌ | ڏ | ڊ | ڍ | ذ |
| ر | ڙ | ز | س | ش | ص | ض | ط |
| ظ | ع | غ | ف | ڦ | ق | ڪ | ک |
| گ | ڳ | گھ | ڱ | ل | م | ن | ڻ |
| | | و | ھ | ء | ي | | |

# زبر جي ڪڪ پٽي

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَ | بَ | ٻَ | ڀَ | تَ | ٿَ | ٽَ | ٺَ |
| ثَ | پَ | جَ | ڄَ | جھَ | ڃَ | چَ | ڇَ |
| حَ | خَ | دَ | ڌَ | ڏَ | ڊَ | ڍَ | ذَ |
| رَ | ڙَ | زَ | سَ | شَ | صَ | ضَ | طَ |
| ظَ | عَ | غَ | فَ | ڦَ | قَ | ڪَ | کَ |
| گَ | ڳَ | گھَ | ڱَ | لَ | مَ | نَ | ڻَ |
| | | وَ | هَ | ءَ | يَ | | |

# زير جي ڪڪ پٽي

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اِ | بِ | ٻِ | ڀِ | تِ | ٿِ | ٽِ | ٺِ |
| ثِ | پِ | جِ | ڄِ | جهِ | ڃِ | چِ | ڇِ |
| حِ | خِ | دِ | ڌِ | ڏِ | ڊِ | ڍِ | ذِ |
| رِ | ڙِ | زِ | سِ | شِ | صِ | ضِ | طِ |
| ظِ | عِ | غِ | فِ | ڦِ | قِ | ڪِ | کِ |
| گِ | ڳِ | گهِ | ڱِ | لِ | مِ | نِ | ڻِ |
| | | وِ | هِ | ءِ | يِ | | |

# پيش جي ڪڪ پٽي

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اُ | بُ | ٻُ | ڀُ | تُ | ٿُ | ٽُ | ٺُ |
| ثُ | پُ | جُ | ڄُ | جھُ | ڃُ | چُ | ڇُ |
| حُ | خُ | دُ | ڌُ | ڏُ | ڊُ | ڍُ | ذُ |
| رُ | ڙُ | زُ | سُ | شُ | صُ | ضُ | طُ |
| ظُ | عُ | غُ | فُ | ڦُ | قُ | ڪُ | کُ |
| گُ | ڳُ | گھُ | ڱُ | لُ | مُ | نُ | ڻُ |
| | | وُ | هُ | ءُ | يُ | | |

# سادي ڪڪ پٽي سان سُر "ا" جو گڏيل آواز

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آ | با | ٻا | ڀا | تا | ٿا | ٽا | ٺا |
| ثا | پا | جا | ڃا | جھا | ڄا | چا | ڇا |
| حا | خا | دا | ڌا | ڏا | ڊا | ڍا | ذا |
| را | ڙا | زا | سا | شا | صا | ضا | طا |
| ظا | عا | غا | فا | ڦا | قا | ڪا | کا |
| گا | ڳا | گھا | ڱا | لا | ما | نا | ڻا |
| | | وا | ھا | ئا | يا | | |

# سادي ڪڪ پٽي سان سُر ”و“ جو گڏيل آواز

## ( ڊگھو سُر _ او )

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| او | بو | ٻو | ڀو | تو | ٿو | ٽو | ٺو |
| ثو | پو | جو | ڄو | جھو | ڃو | چو | ڇو |
| حو | خو | دو | ڏو | ڌو | ڊو | ڍو | ذو |
| رو | ڙو | زو | سو | شو | صو | ضو | طو |
| ظو | عو | غو | فو | ڦو | قو | ڪو | کو |
| گو | ڳو | گھو | ڱو | لو | مو | نو | ڻو |
| | | وو | هو | ئو | يو | | |

# زبر جي ڪِڪَ پٽي سان سُر ”و“ جو گڏيل آواز

## ( ٻِٽو سُر- آو)

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَو | بَو | ٻَو | ڀَو | تَو | ٿَو | ٽَو | ٺَو |
| ثَو | پَو | جَو | ڄَو | جهَو | ڃَو | چَو | ڇَو |
| حَو | خَو | دَو | ڌَو | ڏَو | ڊَو | ڍَو | ذَو |
| رَو | ڙَو | زَو | سَو | شَو | صَو | ضَو | طَو |
| ظَو | عَو | غَو | فَو | ڦَو | قَو | ڪَو | کَو |
| گَو | ڳَو | گهَو | ڱَو | لَو | مَو | نَو | ڻَو |
| | | وَو | هَو | ءَو | يَو | | |

# پيش جي ڪڪ پٽي سان سُر ”و“ جو ڳنڍيل آواز

## ( ڊگھو سُر _ اُو)

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اُو | بُو | ٻُو | ڀُو | تُو | ٿُو | ٽُو | ٺُو |
| ثُو | پُو | جُو | ڄُو | جھُو | ڃُو | چُو | ڇُو |
| حُو | خُو | دُو | ڌُو | ڏُو | ڊُو | ڍُو | ذُو |
| رُو | ڙُو | زُو | سُو | شُو | صُو | ضُو | طُو |
| ظُو | عُو | غُو | فُو | ڦُو | قُو | ڪُو | کُو |
| گُو | ڳُو | گھُو | ڱُو | لُو | مُو | نُو | ڻُو |
| | | وُو | هُو | ءُو | يُو | | |

# سادي ڪَڪ پٽي سان سُر "ي" جو گڏيل آواز

## ( ڊگھو سُر _ اي )

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اي | بي | ٻي | ڀي | تي | ٿي | ٽي | ٺي |
| ثي | پي | جي | ڄي | جھي | ڃي | چي | ڇي |
| حي | خي | دي | ڏي | ڍي | ڊي | ڌي | ذي |
| ري | ڙي | زي | سي | شي | صي | ضي | طي |
| ظي | عي | غي | في | ڦي | قي | ڪي | کي |
| گي | ڳي | گھي | ڱي | لي | مي | ني | ڻي |
| | | وي | هي | ئي | يي | | |

# زَبر جي ڪِڪ پٽي سان سُر "ي" جو گڏيل آواز

## ( پٽو سُر )

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَي | بَي | ٻَي | ڀَي | تَي | ٿَي | ٽَي | ٺَي |
| ثَي | پَي | جَي | ڄَي | جھَي | ڃَي | چَي | ڇَي |
| حَي | خَي | دَي | ڌَي | ڏَي | ڊَي | ڍَي | ذَي |
| رَي | ڙَي | زَي | سَي | شَي | صَي | ضَي | طَي |
| ظَي | عَي | غَي | فَي | ڦَي | قَي | ڪَي | کَي |
| گَي | ڳَي | گھَي | ڱَي | لَي | مَي | نَي | ڻَي |
| | | وَي | هَي | ءَي | يَي | | |

# زير جي ڪڪ پٺي سان سُر " ي " جو گڏيل آواز

## ( ڊگهو سُر _ اِي )

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اِي | بِي | ٻِي | ڀِي | تِي | ٿِي | ٽِي | ٺِي |
| ثِي | پِي | جِي | ڄِي | جهِي | ڃِي | چِي | ڇِي |
| حِي | خِي | دِي | ڌِي | ڏِي | ڊِي | ڍِي | ذِي |
| رِي | ڙِي | زِي | سِي | شِي | صِي | ضِي | طِي |
| ظِي | عِي | غِي | فِي | ڦِي | قِي | ڪِي | کِي |
| گِي | ڳِي | گهِي | ڱِي | لِي | مِي | نِي | ڻِي |
| | | وِي | هِي | ءِي | يِي | | |

# اکر اُچارڻ جو طريقو

”ا، و، ۽ ي“ جا اکر سُرن ناهڻ ۾ ڪم ايندا آهن، باقي ٻيا 49 اکر وينجن لکڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. جڏهن اهي ٻئي اکر لفظن ۾ استعمال ٿيل هوندا آهن تہ انهن کي پڙهڻ جو هڪ طريقو آهي، اهي اُچار انهن اکرن لاءِ مقرر ڪيل آهن.

## 19.1 مڪمل آواز / پورو آواز

هن طريقي ۾ اکرجو مڪمل يا پورو آوازاُچاريو ويندو آهي. اکرن جا مڪمل يا پورا آواز ان وقت اُچاريا ويندا آهن جڏهن حروف تهجي يعني ڪڪ پٽي ۾ اکرن کي پڙهيو ويندو آهي.

| اکر | مڪمل آواز |
|---|---|
| ا | الف |
| ب | بي |
| ٻ | ٻي |
| ڀ | ڀي |
| ت | تي |

| اکر | مڪمل آواز |
|---|---|
| ٿ | ٿي |
| ٽ | ٽي |
| ٺ | ٺي |
| ث | ثي |
| پ | پي |

## 19.2 اڌ آواز

هن طريقي ۾ ڏنل اکر جو اڌ آواز سان ڪو هڪ ڇوٽو سُر ڏئي يا زير زبر پيشُ جو استعمال ڪري اُچاريو ويندو آهي. اهو آواز ان وقت اُچاريو ويندو آهي جڏهن ڪنهن بہ لفظ کي پڙهيو ويندو آهي. جيڪڏهن لفظ ۾ اکر جي مڪمل آواز کي اُچارينداسين تہ لفظ کي اُچار کي ڇٽو نہ ڪري سگهنداسين. ان اڌ آواز واري اکر ۾ اعراب جي استعمال تيڻ ڪري ان ۾ حرڪت پيدا ٿئي ٿي ۽ زبرسان اَ، پيش سان اُ ۽ زيرسان اِ جو هلڪو آواز موجود هوندو آهي.

| اکر جو آواز پيشُ سان | اکر جو آواز زير سان | اکر جو آواز زبر سان |
|---|---|---|
| اُ | اِ | اَ |
| بُ | بِ | بَ |
| ٻُ | ٻِ | ٻَ |
| ڀَ | ڀَ | ڀَ |
| تَ | تَ | تَ |

# لفظ پڙهڻ جا مرحلا

## 20.1 اکرن جي سُڃاڻپ

لفظ کي پڙهڻ جو پهريون مرحلو اهو آهي تہ پهريان اکر جي سُڃاڻپ ڪجي تہ لفظ ۾ ڪهڙا ڪهڙا اکر آهن.

اَسان جي وَطَنَ جو نالو پاڪِستانُ آهي.پاڪِستانَ ۾ چارِ صُوبا سِنڌُ، پَنجابُ، بَلوچِستانُ ۽ خيبَر پَختُونخُواهَ آهن. اَسان جي مُلڪَ جو هِڪُ قومِي جهَندو آهي. اَسان کي پَنهِنجي وَطَنَ سان پِيارُ آهي. اَللهُ سائِين، اَسان جي وَطَنَ کي سَدائِين آبادِ رَکي!

| لفظ | اکر | لفظ | اکر |
|---|---|---|---|
| وَطَنَ | وَ _ طَ _ نَ | مُلڪَ | مُ _ ل _ ڪَ |
| سِنڌُ | سِ _ ن _ ڌُ | جهَندو | جَهـ _ ن _ دِ _ و |
| پَنجابُ | پَ _ ن _ ج _ ا _ بُ | پِيارُ | پِ _ ي _ ا _ رُ |
| خيبَر | خ _ ي _ بَ _ ر | آبادِ | آ _ ب _ ا _ دِ |

## 21.2 لفظ پڙهڻ جو طريقو

اکرن جي سُڃاڻپ کان پوءِ لفظ کي پڙهڻ جو ٻيو مرحلو اهو آهي تہ لفظ ۾ ڪي اکر پاڻ ۾ جوڙ ڪري گڏ پڙهيا ويندا آهن تہ ڪي اکر اڪيلا ۽ ڌار ڌار ڪري پڙهيا ويندا آهن.لفظن جا ڪهڙا اکر اڪيلا ۽ ڪهڙا اکر گڏ ڪري پڙهيا ويندا، انهن لاءِ سبق نمبر 21 ۾ لفظ پڙهڻ جا قاعدا ڏنا ويا آهن.

# لفظ پڙهڻ جا قاعدا

لفظ کي پڙهڻ کان اڳ شاگرد حروف تهجيءَ جي 52 اکرن کان چڱي طرح واقف هُجي، ۽ کيس حروف تهجيءَ جي سادي توڙي اعراب واري هر هڪ ڪک پٽي آوازن سان ياد هئڻ گهرجي تہ جيئن لفظ ۾ استعمال ٿيل اکر جي صورت جي سُڃاڻپ ڪري سگهي ۽ ان مطابق اکر جي آواز کي اُچاري سگهي. هيٺ لفظ کي پڙهڻ جا قاعدا ڏجن ٿا تہ جيئن لفظ کي سولائي سان پڙهي سگهجي.

## 21.1 قاعدو نمبر1

### وينجن کان پوءِ وينجن جو استعمال

جڏهن هڪ وينجن کان پوءِ ٻئي وينجن جي اکر جو استعمال ٿيل هُجي تہ ٻنهي اکرن جي هڪ آوازن کي اعرابن جي مدد سان ڌار ڌار ڪري پڙهبو.

مثال: بچت　　بَ ـ چَ ـ تِ

بَ - چَ - تِ = بَچَتِ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| شَهَرُ | نَظَرَ | قَدَرُ | جَمَڻُ | ٻُڪُ | خَبَرَ | چِپَ |
| سِٽُ | مَٺُ | ڍَڪَڻُ | مَڪَڻُ | ٻَچَلُ | بَصَرُ | سِڄُ |
| | سَگهہَ | چَپُ | جَبَلَ | شُڪُرُ | | |

## 21.2 قاعدو نمبر2

### وينجن کان پوءِ سُر جو استعمال

جڏهن وينجن کان پوءِ سُر استعمال ٿيل هجي ۽ وري ٻئي وينجن سان بہ سُرهجي تہ ٻنهي آوازن کي گڏ ڪري پڙهبو.

پاٽِي: پ ـ ا ـ ٽِ ـ ي
پ + ا ـ ٽِ+ ي
پا ـ ٽِي =پاٽِي

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڄاتِي | رازو | تارا | ٻيري | سارو | شادِي | ڪاڄا |
| گوڏو | ڦِيٽا | ڏاتِي | ٻِيٺو | خالِي | توڪي | سِيني |
| چاڏِي | ٻيڙِي | ڪاهي | لوٺِي | ٻارو | ڏاڍِي | واڍو |
| چولو | ڳاڏِي | گهوڙو | ٻولو | پيٺِي | قيدِي | |

## 21.3 قاعدو نمبر3

## وينجن ڪان پوءِ وينجن سان سُر جو استعمال

ڪي لفظ اهڙا بہ آهن جن جو پهريون ۽ ٻيو اکر وينجن هجي، پر ان سان ٿيون اکر سُر استعمال ٿيل هوندو آهي. اهڙي قسم جي لفظ کي پڙهڻ لاءِ پهرين استعمال ٿيل وينجن کي الڳ ڪري ڌار پڙهنداسين. جيڪڏهن آخر ۾ وري بہ ڪو وينجن وارو اکر هجي تہ اهو بہ ڌار پڙهنداسين.

مَڪِي: مَ ـ ڪِ ـ ي
مَ ـ ڪِ + ي
مَ + ڪِي= مَڪِي

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| دُعا | هَوا | ڏَٻا | وَڳا | فَضا | ٻَڪا | سَچا |
| لَٽا | وَٽا | ڪَڇو | ٻَڪو | ڪَٽو | مِٺو | سُٺو |
| ڇَڳو | ٻَلو | ٻَلو | ڇَلو | ٻَري | مَٺِي | مِٺِي |
| وَٽي | ڪَٽِي | ڳُڏِي | ڦِڪِي | ڏِسِي | نَبِي | |

**نوٽ:** رڳوسُر جي اڳيان استعمال ٿيل وينجن کي سُر سان گڏ ڪري پڙهيو ويندو. يعني لفظ جي شُروعات يا آخر ۾ وينجن جي اکر جو ڪيترا ڀيرا بہ استعمال ٿيل هجي تہ ان هر هڪ

اکر کي ٻئي اکر کان ڌار ڪري،باقي سُر سان گڏ ايندڙ وينجن کي گڏ ڪري پڙهيو ويندو. هيٺ اهڙن لفظن جا مثال ڏجن ٿا.

ڪٽمنڙو: ڪ ـ ٽ ـ م ـ ن ـ ڙ ـ و

ڪ ـ ٽ ـ م ـ ن ـ ڙ + و

ڪ ـ ٽ ـ م ـ ن ـ ڙ و= ڪٽمنڙو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گرمِي | ٻَچڙو | سَيَني | دَرجي | مِحنَتِي | گهَرڙا | گڏِجي |
| مُڪِڙي | نِڪِري | ڪَڇهِري | ڪَپڙي | وِسِري | ٻَگِري | ڪَڪِري |
| سَپِني | هِڪِڙي | سُلَڇَٽا | شَهَري | اَصُلِي | سُنڙو | ٽَڏِڙا |

## 21.4 قاعدو نمبر4

## وينجن ۽ سُر کان پوءِ وينجن جو استعمال

جڏهن لفظ جو پهريون اکر وينجن،ٻيو اکر سُرُ ۽ ٽيون اکر وينجن هجي ته پهريون ۽ ٻيون اکر گڏ ڪري پڙهيا ويندا ۽ آخري اکر الڳ ڪري پڙهيو ويندو. آخري وينجن کان پوءِ جيترا پيرا به وينجن ايندو ان کي ڌار ڌار ڪري پڙهبو.

ميلَ: م ـ ي ـ لَ

م + ي ـ لَ

مي + لَ =ميلَ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پوکَ | جِيتَ | نيٺ | هيٺِ | سيٽِ | شالَ | حالَ |
| ٻَيتَ | پيٽُ | دَورَ | نيڪُ | لِيکَ | گِيتَ | چورُ |
| ڪُوڙُ | حَوضُ | غورُ | نُورُ | ڏوڙ | نوڪَرَ | حاڪِمُ |
| روشَنُ | طاقَتَ | ڪافِرَ | عَينَڪَ | قِيمَتَ | نوٽُ | |

## 21.5 قاعدو نمبر 5

### ا، و ۽ ي کان پوءِ وينجن جو استعمال

جڏهن لفظ جي شروعات ا، و ۽ ي سان ٿئي ۽ ان کان پوءِ وينجن جي اکر جو استعمال ٿيل هجي تہ انهيءَ کي وينجن کان الڳ ڪري پڙهيو ويندو.ان صورت ۾ ا_و ۽ ي وينجن جو ڪم ڪن ٿا.

اُڄ: اَ_ ڄُ

اَ+ ڄُ =اَڄُ

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اُڄَ | اَڄَ | اَٿُ | اُٿُ | اُسَ | اَگُ | اُپُ | اَنُ | اَڏِ |
| وِڄُ | وَڄُ | وَلِ | وَٿُ | وَڄُهہ | وَسُ | وَڍِ | وَٿُ | اَڄُ |
| يَمَنُ | يَڪُ | يَڪو | يَتِيمُ | يَگانو | يَرَ | وَڻُ | وَگِ | وَٿَ |

## 21.6 قاعدو نمبر 6

### سُر واري اکر ۽ ٻئي سُر اکر کان پوءِ وينجن جو استعمال

جيڪڏهن اکر "و" کان پوءِ اکر "ا" يا اکر "ا" کان پوءِ "و" جو استعمال ٿيل هجي تہ "و" کي "ا" ۽ "ا" کي "و" سان گڏ ڪري پڙهيو ويندو. باقي جي ٻيا اکر وينجن آهن تہ هر هڪ اکر الڳ الڳ ڪري پڙهيو ويندو ۽ جي وينجن کان پوءِ سُر جو استعمال ٿيل آهي تہ اهي ٻئي اکر گڏ ڪري پڙهيا ويندا. هيٺ "وا" ۽ "او" جا مثال ڏجن ٿا.

### 21.6.1 سُر "و" ۽ "ا" جو استعمال

واٿ و _ ا _ ٿ

و + ا _ ٿ

وا _ ٿ =واٿ

### 21.6.2 سُر "ا" ۽ "و" جو استعمال

اوٿ ا _ و _ ٿ

ا + و _ ٿ

او _ ٿ =واٿ

| | | | |
|---|---|---|---|
| واٹُ | وارُ | واڪَ | واڇَ |
| واھُ | واڏنِ | وارَٽُ | واٿُ |
| واڙنُ | واڙو | واسَ | واحِدُ |
| وارِثُ | واقُفُ | واجِدُ | واپَسُ |
| واڌِ | واڄَ | واڙِ | واڳَ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اوجَ | اوڌُ | اولَھُ | اوتَ |
| اوپُرُ | اوڏَرَ | اوٿرِ | اولَڙو |
| اوجاڳو | اوٺِي | اوبَرِ | اوڪو |
| اوزارُ | اورِيو | اونِي | اورِتي |
| اوڙَ | اوسَرِ | اوجِھرِي | اوتِيو |

## 21.7 قاعدو نمبر 7

## سُراڪر "و" ۽ "ي" ڪان پوءِ وينجن جو استعمال

جڏهن سُراڪر "و" ڪان پوءِ "ي" جو استعمال ٿيل هجي ۽ "ي" ڪان پوءِ جيڪڏهن وينجن جو اکر اچي تہ "و" ڪي "ي" سان گڏ ڪري پڙهيو ويندو.

ويجُ: و ـ ي ـجُ

و + ي ـ جُ

وي ـجُ = ويجُ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ويھَٹُ | ويڪرِ | ويلَٽُ | ويترِ | ويسَرَ | ويجَھڙِ | ويٿُ |
| ويسُ | وِيرُ | ويجھَ | وِيھَ | ويلَ | وِيھُ | ويتَلُ |
| | وِيڪَ | وَيلُ | ويرَ | ويھَڪُ | | |

## 21.8 قاعدو نمبر 8

## سُراڪر "و" ڪان پوءِ سُراڪر "ي"، و "ءِ "ي"، ا" جو استعمال

جيڪڏهن سُراڪر "و" ڪان پوءِ "ي" جو اکر اچي ۽ ان سان گڏ "و" يا "ا" جو استعمال ٿيل هجي تہ سُراڪر "و" ڪي الڳ ۽ سُراڪر "ي" ۽ "و" يا "ي" ۽ "ا" ڪي گڏ ڪري پڙهيو ويندو.

## 21.8.1 سُر "و" کان پوءِ سُر "ي، و" جو استعمال

وِيو: وِ _ ي _ و

وِ _ ي + و

وِ _ يو=ويو

وِيوس ويوم

## 21.8.2 سُراکر "و" کان پوءِ سُراکر "ي، ا" جو استعمال

ويا وِ _ ي _ ا

وِ _ ي + ا

وِ _ يا=ويا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| وِيامِ | وِياس | وِيامِي | وِيامَٽ | وِياجُ | وِياسِين |

## 21.9 قاعدو نمبر9

## سُراکر "ي، و" ءِ "ي، ا" کان پوءِ وينجن جو استعمال

سُر اکر "ي" کان پوءِ سُراکر "و" يا "ا" جو استعمال ٿيل هجي تہ "ي" کي "و" سان يا "ا" سان گڏ ڪري پڙهيو ويندو.

يومُ ي _ و _ مُ

ي + و _ مُ

يو + مُ =يومَ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| يوگَ | يوٿ | يونانُ<br>يورَپُ | يونانِي<br>يوُرو | يوسِفُ | يونِسُ |

يارِبُ ي _ ا _ ر _ بُ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| يادِ | يارُ | ياوَرُ | ياسِرُ | يافِثُ |

## 21.10 قاعدو نمبر 10

## سُر اکر" و "کان پوءِ وينجن ۾ سُرجو استعمال

جيڪڏهن لفظ جو پهريون اکر سُر وارو هجي ٻيو اکر وينجن ۾ ٽيون اکر وري سُر وارو هجي ته پهرين استعمال ٿيل سُر کي الڳ ڪري پڙهنداسين ۽ باقي ٻين اکرن کي قاعدي نمبر2 مطابق گڏ ڪري پڙهيو ويندو.

وَجو    وَ ـ ج ـ و

وَ ـ ج + و

وَ ـ جو= وَجو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| وَڄو | وَڏو | وَڍو | وُٺو | وسو | وِجهو | وَهُو |
| وَڳو | وَرو | وَرِي | وَٺي | وَڳي | وَسِي | وَلِي |
| وَڄِي | وَڃِي | وِجهي | وَڏِي | وَضُو | وِڌا | وَڏا |
| وَرا | وَٽا | وَڳا | اَدا | خُدا | اَٽو | آهي |
| اَڄي | اَڃي | اُٺي | آنا | آري | آٽي | آڙي |

## 21.11 قاعدو نمبر 11

## وينجن کان پوءِ سُر اکر" ي ، و" ۽ " ي ، ا " جو استعمال

ڪنهن به وينجن کان پوءِ سُر اکر "ي، و" ۽ "ي ، ا" جو استعمال ٿيل هجي ته وينجن کي الڳ ڪري پڙهيو ويندو ۽ باقي ٻيا ٻئي سُر گڏ ڪري پڙهيا ويندا.

جِيو

جِ ـ ي ـ و

جِ ـ ي + و

جِ ـ يو = جيو

جِيا

جِ ـ ي ـ ا

جِ ـ ي + ا

جِ ـ يا = جِيا

| | | | |
|---|---|---|---|
| تِيو | پِيو | ڪَيو | چَيو |
| ٻِيو | هُيو | ڏِيو | نِيو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| پِيا | تِيا | هُيا | ڪَيا |
| ٻِيا | نِيا | لِيا | |

## 21.12 قاعدو نمبر12

## لفظ ۾ "ن" جي اکر جو استعمال

"ن" جو اکر وينجن آهي پر لفظ ۾ ان جي استعمال جا ٽي طريقا آهن، هڪ "ن" متحرڪ، ٻيو "ن" ساڪن ۽ ٽيون "ن" غنو آهي.

### 21.12.1 ن متحرڪ

جڏهن به ڪنهن اکر ڪان پوءِ "ن" جو آواز چٽو نڪري ته ان کي متحرڪ "ن" سڏيو ويندو آهي.

اِنسانُ

اِ ـ ن ـ س ـ ا ـ نُ

اِ ـ ن ـ س + ا ـ نُ

اِ ـ ن ـ سا ـ نُ = اِنسانُ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| هُنَرُ | جُونَ | ٻَنِي | پِنَلُ | تَنُ | نَظَرَ | جَنَت |
| وَڏَن | پَنُ | دوڪانُ | جَهانُ | شانُ | روشنِ | نَظارو |
| ٻوڙَن | حيوانُ | مانُ | تارَنُ | آسانُ | لوڏِنِ | ڪَمانُ |
| نُورَ | سونَ | زِبانَ | نَچَڻُ | نِشانُ | نِياڻِي | |

مٿي ڏنل لفظ ۾ "ن" ٻہ ڀيرا استعمال ٿيل آهي ۽ ٻنهي جاين تي "ن" جو آواز چٽو آهي يعني الڳ الڳ آواز واضح آهي.

## 21.12.2 "ن" ساڪن ۾ نون "ن" غنو

جڏهن ٻہ ڪنهن لفظ ۾ وينجن يا سُر ڪان پوءِ نڪ مان هلڪو "اون"، "آن" "ان" يا اين جو آواز نڪري تہ انهن آوازن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ "ن" جو استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو لفظ جي منڍ، وچ، يا آخر ۾ استعمال ٿيل هوندو آهي، پر اهو "ن" غنو هوندو آهي. يعني غير متحرڪ استعمال ٿيندو آهي ان ۾ ڪا خاص آواز جي چُر پُر نہ هوندي آهي.

## 21.12.3 لفظ جي منڍ ۾ اون جي آوازن وارا لفظ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اُونڊو | ٻُونڊَ | ٻُونگرُ | ڀُونگو | ٺُونٺَ | جُهونگارَ | چُونڊَ |
| ڏُونگها | ڊُونڊو | ڍُونڊَ | رُونگَ | ڦُونڊجَڻُ | ڪُونجَ | ڪُونجو |
| لُونگِي | مُونجهہَ | هُونڊَ | ٺُونگ | ٺُونگو | ڏُونگهي | ڏُونهو |

## 21.12.4 لفظ جي آخر ۾ اون جي آوازن وارا لفظ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| وَڄايُون | ڪَرِيُون | ڀَرِيُون | آهِيُون | خُوشِيُون | ٻَتِيُون | مُون |
| ڦَڪِيُون | ڏَڪِيائُون | وِڌائُون | ڏِٺائُون | سارِيُون | هارِيُون | ڳارِيُون |
| چارِيُون | ٻَچايُون | لايُون | ٿاهِيُون | لِکايُون | وَڄايُون | کِلايُون |

## 21.12.5 لفظ جي منڍ ۾ آن جي آوازن وارا لفظ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آنڊو | ٻانڊَرُ | ٻانگَ | ڀانڊارو | ٽانگهہَ | ٿانءُ | ٿانڊو | ٽانگرُ |
| چانڍِي | ڇانوَ | کانڊِي | ڌانهَڻَ | ڏانڊِلي | ڏانڊُ | ڀانڊو | ڍانچو |
| ڀانڊُ | جانچَڻُ | رانڊِ | سانوَڻُ | شانڊُ | وانگرُ | ڪانڊَ | ڪانياٺِي |
| ٻانڊاپو | گهانگهہُ | لانچُ | مانڊاٽِي | نانگُ | واندو | هانءُ | ڄانيو |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڏاهيندا | پوکِيندو | مَٽيندو | ڳارِيندو | جوڙِيندو |
| ٺارِيندو | ڦُريندو | ٻارِيندي | جَٽِيندي | آٽِيندي |
| سارِيندو | سَڏِيندي | ميڙِيندا | ڏارِيندو | کُٽِيندو |
| اُپائِيندا | بَچائِيندا | ٻاڏائِيندا | پرائِيندا | سَجائِيندا |
| جَلائِيندو | بَچائِيندو | ڪمائِيندو | نِيائِيندو | ڳائِيندو |
| ٻَٽائِيندِي | ڪِلائِيندِي | وِڄائِيندِي | وَڄائِيندِي | ڪارائِيندِي |
| مَڇائِيندا | هلائِيندو | ڪيرائِيندا | اُڏائِيندا | ساڙائِيندو |
| ڏَڪائِيندا | لِڪائِيندا | پسائِيندا | گهُرائِيندِي | ڪيڏائِيندِي |

## 21.12.11 لفظ جي آخر ۾ اِين (ئِين) جي آواز وارا لفظ

هن قسم جي آواز کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لفظ جي آخر ۾ الف همزه ڪان پوءِ ي ۽ ن ساڪن جو استعمال ڪرڻ سان ئين جو آواز نڪري ٿو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| لِڪيائِين | سِبيائِين | ڏِنائِين | ٺوڙِيائِين | سَدائِين |
| ڪيڏِيائِين | ٻُڌائِين | ڪَيائِين | رَکِيائِين | چَيائِين |
| رَسائِين | سائِين | پَسائِين | تائِين | وَسائِين |
| پُڇيائِين | گهُرِيائِين | پوکِيائِين | ڪاڙائِين | پِيتائِين |
| ڏِنائِين | پالِيائِين | رُنائِين | نِپائِين | اُپائِين |
| جَلائِين | سَجائِين | ٻَرِيائِين | هَلائِين | مَٽائِين |

# لفظ پڙهڻ جي مشق

# آنگَنِ جو چارٽُ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هڪُ | ٻَ | ٽي | چارِ | پَنج | ڇَهَ |
| سَتَ | اَٺَ | نَوَ | ڏَهَ | يارَهَن | ٻارَهَن |
| تيرَهَن | چوڏَهَن | پَندرَهَن | سورَهَن | سَترَهَن | اَرڙَهَن |
| اُوڻِيهَ | وِيهَ | ايڪِيهَ | ٻاوِيهَ | ٽيوِيهَ | چووِيهَ |
| پَنجِويهَ | ڇَوِيهَ | سَتاوِيهَ | اَٺاوِيهَ | اُوڻٽِيهَ | ٽِيهَ |
| ايڪٽِيهَ | ٻٽِيهَ | ٽيٽِيهَ | چوٽِيهَ | پَنجٽِيهَ | ڇٽِيهَ |
| سَتٽِيهَ | اَٺٽِيهَ | اوڻيتالِيهَ | چالِيهَ | ايڪيتالِيهَ | ٻائيتالِيهَ |
| ٽيتالِيهَ | چوئيتالِيهَ | پَنجيتالِيهَ | ڇائيتالِيهَ | سَتيتالِيهَ | اَٺيتالِيهَ |
| اُوڻوَنجاهُ | پَنجاهُ | ايڪوَنجاهُ | ٻاوَنجاهُ | ٽيوَنجاهُ | چووَنجاهُ |
| پَنجوَنجاهُ | ڇاوَنجاهُ | سَتوَنجاهُ | اَٺوَنجاهُ | اُوڻهَٺِ | سَٺِ |
| ايڪَهَٺِ | ٻاهَٺِ | ٽيهَٺِ | چوهَٺِ | پَنجَهَٺِ | ڇاهَٺِ |
| سَتهَٺِ | اَٺهَٺِ | اوڻهَترِ | سَترِ | ايڪَهَترِ | ٻاهَترِ |
| ٽيهَترِ | چوهَترِ | پَنجَهَترِ | ڇاهَترِ | سَتهَترِ | اَٺهَترِ |
| اُوڻاسِي | اَسِي | ايڪاسِي | ٻِياسِي | ٽِياسِي | چوراسِي |
| پَنجاسِي | ڇَهاسِي | سَتاسِي | اَٺاسِي | اُوڻانوي | نَوي |
| ايڪانوي | ٻِيانوي | ٽِيانوي | چورانوي | پَنجانوي | ڇَهانوي |
| | سَتانوي | اَٺانوي | نَوانوي | سَو | |

## 22.2 ڏِينهَنِ جا نالا

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آچرُ | سُومَرُ | اڱارو | اَربعُ | خَميسَ | جُمعو | ڇنڇرُ |

## 22.3 اِنسانِي رِشتَنِ جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ماءُ | پِيءُ | پُٽُ | ڌِيءَ | ڀاءُ | ڀيڻُ | ڏاڏِي | ڏاڏو |
| چاچِي | چاچو | پوٽو | پوٽِي | ڀائِٽيو | ڀائِٽِي | نانِي | نانو |
| مامو | مامِي | ڏوهِٽو | ڏوهِٽِي | ماسِي | ماسَڙُ | پُڦِي | پُڦڙُ |
| زالَ | مُڙسُ | سَسُ | سَهُرو | ماروٽُ | پُڦاٽُ | سَوٽُ | ماساٽُ |
| نِڻانَ | ڀاڻيجو | نُنهَن | نِياڻو | سالو | سالِي | ڏيرُ | ڏيرِياڻِي |

## 22.4 اِنسانَ جي جِسمَ جي عَضوَنِ جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٻانهَن | هَٿُ | نُنهُن | آڱُوٺو | آڱُرِ | ڇاتِي | ٽَنگَ | زِبانَ |
| گوڏو | پيرُ | ڪُڙِي | ڳِچِي | مَٿو | وارُ | ڪَنُ | اَکِ |
| نِرڙُ | پِرُون | پِنبڙِيُون | نَڪُ | ڳَلُ | ڇَپُ | واتُ | ڏَندُ |
| ڪاڏِي | ڏاڙهِي | ڪُلهو | پُٺِي | ٺُونٺِ | تارا | پيٽُ | نِڙگهُٽُ |
| ڪَرِنگهو | پيڏِي | تارُون | مَهارُون | سَٿَرَ | تِرِي | ڇيلِهه | ڪَرائِي |

## 22.5 جانوَرَنِ جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٻَڪِرِي | سَهو | ڪُڪُڙُ | ڳِئُون | گابو | مينهِن | ڏانڊُ | ڇيلو |
| گِدَڙُ | ٻَگهَڙُ | شِينهُن | هاٿِي | گهوڙو | خَچَرُ | ڏيڏَرُ | ڪُتو |
| ٻِلِي | ڪُوئو | نورُ | نانگُ | ڄاهو | اُٺُ | رِڇُ | ڀولو |
| هَرَڻُ | ڪَچُون | روجهَه | رِڍَ | سانُ | ڍَڳو | چِيتو | گهيٽو |

## 22.6 پَکِيَن جا نالا

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| طوطو | ٻَگهُ | ڪانءُ | جِهرِڪِي | ڪَبِرِ | ڳيرو | تِتِرُ |
| چِيرو | هَنجُ | بازُ | سِرِڻُ | مورُ | چَمِڙو | هُدُ هُدُ |
| اَبابِيلُ | مَينا | بُلبُل | چَڪورُ | ڪَبُوتَرُ | ڪاٺَ ڪُٽو | ڪوئِلِ |
| | | ڊيلَ | هِلَ | گِجهَ | | |

## 22.7 ميوَن جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اَنبُ | اَنگورَ | صُوفُ | ڏاڙهُون | نارَنگِي | ڪيلا | ناريلُ | ڪارَڪُون |
| قارُوا | زيتُونُ | جَمُون | زَردالُو | ڏوڪا | لِيمو | مالِٽو | گِدرو |
| پَپيتو | آڙُو | چِڪُون | پيرُون | تُوتَ | ڪَمَندُ | ٻيرَ | هِنداڻو |

## 22.8 جَڳهَن جا نالا

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گهَرُ | اِسڪُولُ | اِسپَتالَ | ڪاليجُ | دَفتَرُ | مَحَلُ | اَڱڻُ |
| چَوڪِي | دُڪانُ | گُدامُ | اوطاقَ | عَدالَتَ | ٽاٽو | ماڙِي |
| باغُ | ڇِتِ | مِينارُ | پُلِ | دَرِگاهَ | ڪارِخانو | گيراجِ |
| اِسٽيشَنِ | مَسجِدِ | هوٽَلُ | سَراءِ | مَندَرُ | بازارِ | ڪَمِرو |
| | | جيلُ | هالُ | هَٽُ | ٻَنِي | |

## 22.9 سالَ جي خاصِ وقتَن جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سيڪَنڊُ | مِنٽُ | ڪَلاڪُ | ڏِينهَن | صُبُحُ | مَنجَهندِ | شامَ | راتِ |
| ڪالَهه | سُياڻي | پَرِينهَن | هَفتو | مَهِينو | سالُ | صَدِي | گهڙِي |

## 22.10 نِمازُنِ جا نالا

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| فَجرِ | ظُهرِ | عَصرِ | مَغرِبِ | عِشاءَ |

## 22.11 سالَ جي مَهينَنِ جا انگريزي نالا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| جَنوَري 1 | فيبرَوَري 2 | مارچُ 3 | اَپريلُ 4 | مَئي 5 | جُونِ 6 |
| جُولاءِ 7 | آگستِ 8 | سيپٽمبرُ 9 | آڪٽوبرُ 10 | نَومبرُ 11 | ڊِسمبرُ 12 |

## 22.12 رَنگَنِ جا نالا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اَڇو | ڪارو | ڳاڙهو | گُلابي | نِيرو | پيلو |
| سائو | نارَنگي | ناسِي | آسماني | سونهري | خاڪي |
| ڪُرمچي | واڱڻائي | عَنابي | ڪِريمِ | زَردُ | نيوي/نيرو |
| | | نَقرَئي | پيلو هَيدَ | گهرو | |

## 22.13 رانديُنِ جا نالا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪِرڪيٽِ | فُٽ بالُ | هاڪي | بيڊ منٽن | اِسڪُوائِش | بيڊ مِنٽن |
| ٽيبُل ٽينِسِ | نيٽ بالُ | ڪَراٽي | گوءِ | اِٽي ڏڪَرُ | بِلورُ |
| بيسِ بالُ | شَطرَنجُ | تاشَ | گولفُ | ڪُشتي | سِنُوڪَر |
| ڪوڏي ڪوڏي | مَلَهه | نَوَتِڙُ | اَکبُوٽ | ڇَڪو راندِ | ٻُلُ ڏِيَڻُ |
| باسِڪيٽ بالُ | ڪَسرَتَ | پولو | رَسو ٽَپَڻُ | | |

## 22.14 موسمَنِ جا نالا

| | | | |
|---|---|---|---|
| سِيارو | بَهارُ | اُونهارو | سَرءُ |

## 22.15 گُلَنِ جا نالا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سُورَجُ مُکِي | چَنبيلِي | سُنبُل | سَرِنهَن | رابيلُ | ڪَنوَلُ |
| نَرگِس | راتِ جي راڻِي | نيلوفَر | گيندو | چَمپا | گُلابُ |
| | گُلُ لالا | موتِيو | | | |

## 22.16 مَشهُورُ ڌَنڌَنِ جا نالا

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اُستادُ | ڊاڪِٽَرُ | دَرزِي | حَجَمُ | وادِو | ڌوٻِي | ڪُنيَرُ |
| جَجُ | وَڪِيلُ | مالِهي | ڊِرائِيوَرُ | ڀَنگِي | پَٽيوالو | چوڪِيدارُ |
| اداڪارُ | سونارو | موچِي | بورِچي | مُنشِي | ڪِلارَڪُ | هارِي |
| ٽَپالِي | مَزدُورُ | ليکَڪُ | بيرو | حَلوائِي | پَسارِي | ڪورِي |
| لوهَرُ | ڳائِڻو | دُڪانِدارُ | واپارِي | | | |

## 22.17 بيمارِيُنِ جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| بُخارُ | زُڪامُ | ڪنگهه | سِلهه | ڪامِڻِ | لاڪِڙو | ڪالِرا | ساڙو |
| سَهڪو | موتِيو | خارِش | مَلو | فالِجُ | مِرگِهي | وَٺ | ڪوڙهه |
| قَبضِي | ڦُلوڪَڙا | ماتا | رَسولِي | آنڊِي | موڪا | اُلٽِي | سوڄ |

## 22.18 ڪاڌي ۾ اِستعمالُ ٿِيندَڙَ شَيُنِ جا نالا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪَڻڪُ | پَتِي | اَٽو | ميدو | سَيُون | دالُ |
| سُوجي | چَڻا | مَٽَر | مُگَ | چانوَرَ | بيسَڻُ |

## 22.25 ماڻهن جي خاصيتن جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| دِليرُ | چالاڪُ | هُوشِيارُ | ڏِڄڻو | بيوَقُوفُ | سِياڻو | چَرِيو | ٺَگُ |
| جَذِباتِي | گُستاخُ | وَفادارُ | جاهِلُ | چَڱو | ڪَنجُوسُ | سَخِي | شَرمِيلو |
| لالِچِي | سَڄَڻُ | ڪُوڙو | سَچو | بيڪارُ | تَنگِ نَظرِ | چيڙاڪُ | اِيمانِدارُ |

## 22.26 ڪمن جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پَڙهَڻُ | لِکَڻُ | سُمهَڻُ | جاڳَڻُ | ڳائِڻُ | وَڄائِڻُ | چَڙهَڻُ | لَهَڻُ |
| ڪائِڻُ | پيئَڻُ | يادِڪَرِڻُ | وِسارِڻُ | مَدَدَڪَرِڻُ | ڊوڙَڻُ | ڌوئَڻُ | سُڪائِڻُ |
| روئَڻُ | کِلَڻُ | پَڪِڙِڻُ | بَندِڪَرِڻُ | پَچائِڻُ | گهُمَڻُ | تَرَڻُ | سِبَڻُ |
| اڇلائِڻُ | ويڙهِڻُ | ڪولِڻُ | ڦاڙِڻُ | ڪِڙڪائِڻُ | اڏامَڻُ | ڪيڏَڻُ | ڏِڪِڻُ |

## 22.27 ٿانون جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| گِلاسُ | جَڳُ | پليٽَ | ڊِشِ | ڪَڙاهِي | ڏوئِي | پيالو | ڪوپُ |
| مانڌاڻِي | ٿَرماسُ | ڏونگهو | تئو | چاڻِي | چَمچا | پِنڊِي | ڪانٽو |
| چاقُو | ڇُرِي | تَئِي | ديڳِڙِي | ڪَفگِيرُ | ڪِٽِلِي | ڍَڪَڻُ | ڪارِي |
| هَنڊو | ويلَڻُ | ٿالهِي | ٿالهه | وَٽِي | چَمٽو | بالِٽِي | مَگهُ |

## 22.28 جانورن جي عضون جا نالا

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سِڱ | ڪَنُ | ڇُهنبُ | پُڇُ | پَرُ | چُنبو | کُرُ | ڪَڙَهَ |

# سنڌي سُرن لاءِ انگريزي سُرن جا آواز

اسان جڏهن بہ ڪنهن سنڌي سُر (sindhi vowel) جي آواز سان ڪو پنهنجي ٻولي جو لفظ انگريزي ٻوليءَ جي اُچار ۾ لکندا آهيون تہ ان لاءِ هيٺان انگريزي جا سُر(vowel) استعمال ڪيا ويندا آهن.

جڏهن ڪو بہ سنڌي لفظ اَ ، آ ،اِي،اي سان شُروع ٿئي تہ ان لاءِ سُر"a"، اِ ، آءِ لاءِ "i" ، ۽ اُ لاءِ "u" جو استعمال ڪيو ويندو آهي. جيڪو هيٺ مشق نمبر1 ۾ ڏنل آهي. جڏهن لفظ جي وچ ۾ سُر اُ ، اُو، اِي، ئي جي آواز جو استعمال ٿيل هجي تہ اُ لاءِ "o" ۽ اُو لاءِ "oo " اِي لاءِ"ee" ۽ ئي لاءِ "ay" جو استعمال ڪيو ويندو جنهن جا مثال مشق نمبر 2 ۾ ڏنل آهن.

## مشق نمبر1

**لفظ جي شُروعات ۾ استعمال ٿيندڙ سُرن جو انگريزي اُچار**

| سُر | اُچار | استعمال | |
|---|---|---|---|
| اَ | A | اَمان | Aman |
| آ | A | آصف | Asif |
| اِ | I | اِنسان | Insan |
| آءِ | I | آئي | |
| اُ | U | اُرميلا | Urmeela |
| اَي | A | اَيمن | Aiman |
| اي | A | ايپل | Apple |

## مشق نمبر2

**لفظ جي وچ ۾ استعمال ٿيندڙ سُر جوانگريزي اُچار**

| سُر | اُچار | استعمال | |
|---|---|---|---|
| اُ | O | ٻولي | Boli |
| اُو | OO | سُولي | Sooli |
| اِي | E | سِيٽ | Seet |
| ئي | A | چئن | CHAIN |

# سبق پڙهڻ جي مشق

# گِيتَ ڏِٽيءَ جا گڏِجي ڳايُون



گِيتَ ڏِٽيءَ جا گڏِجي ڳايُون!
جو تو ٿَڌِڙا مِينهَن وَسائي،
باغَنِ ۾ جو اَنبَ پَچائي،
ويسَ گُلَنِ کي جو پَهِرائي،
اَنَ پَچائي، گاهَ اُپائي،
عَرشَ ۾ جو تارا ٽِمڪائي،
تَنهِن مالِڪَ کي سَڀُ ساراهِيُون،
گِيتَ ڏِٽيءَ جا گڏِجي ڳايُون!

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گڏجي | تنهن | ساراهيون | مالڪ | ويس | مينهن | عرش |
| پهرائي | باغن | ٽمڪائي | گلن | پچائي | ٿڌڙا | گيت |

# اَللّٰهُ سائين



اَللّٰهُ هِڪُ آهي. اَسان کي اَللّٰهَ سائينءَ پَيدا ڪَيو آهي. هُو هَرِ هَنڌِ حاضُرُ آهي. زَمِينَ ۽ آسِمانُ بہ اُنَ جوڙِيا آهِنِ. سِجُ، چَنڊُ ۽ تارا بہ هُنَ پَيدا ڪَيا آهِنِ.

هُو اَسان کي روزِي رَسائي ٿو. ڏاڍي سَڳورو مَهِربانُ ۽ ٻاجهارو آهي. هَوا، پاڻِي ۽ روشِنِي هُنَ پَيدا ڪَيا آهِنِ.

اَسِين هُنَ جِي عِبادَتَ ڪَرِيُون ٿا ۽ اُنَ کان مَدَدَ گهُرُون ٿا.

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| عبادت | جوڙيا | گهرون | روشني | ويس | ڪريون | مدد |
| مهربان | زمين | آسمان | سج | پچائي | ٻاجهارو | پيدا |

# اَسان جو نَبِي سَڳورو صَلَّی اللّٰهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ



اَسان جي پياري نَبِي سَڳوري جو نالو حَضرَتُ مُحَمَّدُ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَم آهي. پاڻ سَڳورا اللّٰه سائِينءَ جا آخِري نَبِي آهِن. پاڻ مَڪي شَرِيفَ ۾ ڄاوا. سَندَنِ پِيءُ جو نالو حَضرَتُ عَبدُاللّٰهِ ۽ اَمڙِ جو نالو حَضرَت بِيبِي آمِنه آهي.

پاڻ سَڳورا نَنڍي هُوندي کان ئي سُلَڇڻا، سَچارُ ۽ اِيماندارُ هُئا. اللّٰهَ سائِينءَ مَٿن قُرآنُ شَرِيفُ لاٿو. قُرآنُ شَرِيفُ اَللّٰهَ سائِينءَ جو آخِري ڪِتابُ آهي.پاڻ سَڳورَنِ فَرمايو آهي تَہ: اللّٰهُ هِڪُ آهي. نِمازَ پَڙهو. ماءُ پِيءُ جو چَيو مَڃو. وَڏَنِ جو اَدَبُ ڪَرِيو. نَنڍَنِ سان پِيارُ ڪَرِيو.پاڙي وارَنِ سان سُٺا هَلو. عِلمُ پِرايو ۽ سَچُ ڳالِهايو.

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ننڍين | وڏن | علم | شريف | سچار | محمّد | مٿن |
| سڳورن | حضرت | نبي | سلڇڻا | ايماندار | ٻاجهارو | وارن |

# پِيارو نَبِي اَسان جو (نعتِ)



سُهڻو نَبِي اَسان جو،
پِيارو نَبِي اَسان جو.
آيو نہ اَهڙو اِيندو،
نِيارو نَبِي اَسان جو.
حاڪِمُ حَڪِيمُ آهي،
ٻارو نَبِي اَسان جو.
ٻارَنِ سان پِيارُ جَنهِن جو،
پِيارو نَبِي اَسان جو.

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پيارو | نبي | پيارو | جنهن | حاڪم | اهڙو | نيارو |
| سهڻو | ايندو | ٻارن | اسان | حڪيم | آيو | ايندو |

# اَسان جو وَطَنُ




اَسان جو وَطَنُ پاڪِستانُ آهي. پاڪِستانُ قائِدِ اَعظَمُ مُحَمَدُ عَلِي جِناحَ ٺاهِيو. اَسان جي مُلڪَ ۾ وَڏا وَڏا جَبَلَ، ٻيلا ۽ ميدانَ آهِنِ. اُنَ ۾ سَمُنڊُ، درياهَ ۽ ڍَنڍُون آهِنِ. سِنڌُو دِرياهُ پاڪِستانَ جو وَڏي ۾ وَڏو دَرياهُ آهي. هِتي جِي زَمِينَ ڏاڍِي ڀَلِي آهي. اُنَ ۾ اَناجَ، ڀاڄِيُون ۽ ميوا ٿِيندا آهِنِ. پاڪِستانَ ۾ ڪَنڊُ، ڪَپِڙي، لوهَ، دَوائُنِ ۽ ٻِيُنِ شَيُنِ جا ڪارِخانا آهِنِ.

اَسان جي مُلڪَ جو هِڪُ قومِي جهَنڊو آهي. اُنَ جو رَنگُ سائو ۽ اَڇو آهي. جهَنڊي جي وِچَ ۾ چَنڊُ ۽ تارو آهي. اَسِين اُنَ جِي عِزَتَ ڪَرِيُون ٿا. پاڪِستانَ ۾ سِنڌِي، پَنجابِي، بَلوچَ ۽ پَٺاڻَ رَهَنِ ٿا. اَسِين سَڀُ پاڪِستانِي پاڻَ ۾ ڀائِرَنِ وانگُرُ گَڏِجِي رَهَندا آهِيُون. اَسان کي پَنهِنجي وَطَنَ سان پِيارُ آهي. اَللهُ سائِين، اَسان جي وَطَنَ کي سَدائِين آبادِ رَکي! آمِين.

هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سدائين | وطن | وانگر | ڀائرن | عزت | دوائن | شين |
| ڀاڄيون | ڪپڙي | درياهه | سنڌي | پنجابي | ڍنڍون | جبل |

# اَسان جو ڳوٺُ



اَسان جو ڳوٺُ ڏاڍو سُٺو آهي. اَسان کي پَنهِنجي ڳوٺ سان ڏاڍو پيارُ آهي.اَسِين ڳوٺَ کي صاف سُٿرو رَکندا آهِيُون. گهِٽيُنِ ۾ گندُ ڪِچرو ڪونہ اُڇلائِيُون. ڳوٺَ ڪان پَري هِڪَ کڏُ آهي. اُنَ ۾ ڪِچِرو اُڇلائِيندا آهِيُون.

اَسان جي ڳوٺَ ۾ ڪُنيارَ، واڍا، لوهارَ ۽ موچِي آهِنِ. اُتي دَرزِڪو دُڪانُ بہ آهي. سِيڌي سامانَ جو بہ دُڪانُ آهي، جِتان اَسان کي ضَرُورَتَ وارِيُون شَيُون مِلَنِ ٿِيُون.

اَسان جي ڳوٺَ ۾ ڇوڪِرِيُنِ ۽ ڇوڪِرَنِ لاءِ اِسڪُولَ آهِنِ. هِتي

هِڪَ اِسپَتالَ بِہ آهي. اِسپَتالَ ۾ مَرِيضَنِ جو عِلاجُ ٿِيندو آهي. ڳوٺَ ۾ هِڪَ مَسجِدِ بِہ آهي، جَنهِن ۾ ڳوٺاڻا نِمازَ پَڙهَندا آهِنِ. ڳوٺَ جي چوڌارِي پوکُون آهِنِ. هَر پاسي ساوَڪِ ئِي ساوَڪِ آهي. هارِي وَڏِي مِحنَتَ سان پوکَ ڪَنِ ٿا. اَسِين سَڀُ ڳوٺاڻا پاڻَ ۾ پِيارَ ۽ مُحَبَتَ سان رَهَندا آهِيُون. ڏُکَ سُکَ ۾ هِڪَبِئي جي مَدَدَ ڪَندا آهِيُون.

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سدائين | وطن | وانگر | ڀائرن | عزت | دوائن | شين |
| ڀاڄيون | ڪپڙي | درياهه | سنڌي | پنجابي | ڍنڍون | جبل |



# سَچُ ڳالِهاءِ (نَظمُ)



آءٌ نہ ڪَڏهِن ڪُوڙو ٽِيندُس،
ساهُ سَدائِين سَچَ تي ڏِيندُس.
ڪُوڙُ چَوان تان پَتِ وِڃايان،
هِتي هُتي نِتِ پاڻُ لَڄايان.
سَيَئِي ڪُوڙو ڪُوڙو چَوَندَمِ،
پاسي ہِ پوءِ ويهَڻُ نہ ڏِيندَمِ.
سَچُ چَوَڻَ سان مِلَندُمِ پيارُ،
ڪَڏهِين ٽِيندُس ڪِينَ خُوارُ.
مُون ڪي ڏي تُون سَگهَ ڏَٽِي،
سَچَ سان رَکان دِلِ گهَٽِي.

مرزا قليچ بيگ

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪوڙو | ٽيندس | سيئي | ويهڻ | خوار | ڪين | پيار |
| سدائين | لڄايان | چوندم | ملندم | سگهه | ڪڏهين | رکان |

# فاطِمه جِناحُ



پاڪِستانُ اَسان جو وَطَنُ آهي. اُنَ کي قائِدِ اَعظَمُ مُحَمَّد عَلِي جِناحَ ناهِيو. سَندَسِ ننڍِي ڀيڻُ جو نالو فاطِمه جِناحُ هو. هُوءَ مِحنتي ۽ هوشِيارُ هُئِي. هُنَ شُروَعاتِي تَعلِيمَ ڪَراچِيءَ مان حاصِلُ ڪَئِي. اڳِتي هَلِي هُنَ ڏَندَنِ جِي ڊاڪٽرِيءَ جِي تَعلِيمَ مُمبَئِيءَ مان پِرائِي.

فاطِمه جِناحَ کي پَنهِنجي ڀاءُ قائِدِ اَعظَمَ سان ڏاڍو پيارُ هو. پَنهِنجي ڀاءُ جي کاڌي پِيتي ۽ آرامَ جو گهڻو خَيالُ رَکندِي هُئِي.

هُنَ پَنهِنجي ڀاءُ جي قومِي ڪَمَنِ ۾ تمامُ گهڻِي مَدَدَ ڪَئِي. اُنَ سان گڏُ هُنَ مُلڪَ جِي عَورَتُنِ ۾ بہ سُجاڳِي آندِي. کيسِ مادرِ مِلَتِ سَڏِيو وِيندو آهي. کيسِ وَفاتِ کان پوءِ ڪَراچِيءَ ۾ قائِدِ اَعظَمُ جي مُقبِري ڀَرِسان دَفَنُ ڪَيو وَيو.

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| دفن | آندي | رکندي | عورتن | پيار | پاڪستان | کاڌي |
| سجاڳي | قائد | مقبري | ڏندن | سندس | محنتي | خيال |
| قومي | حاصل | ننڍي | ملڪ | مادر | ڊاڪٽري | ڪمن |
| سان | جناح | ملت | وفات | وطن | هوشيار | اعظم |

# باغُ جو سَيرُ



آءٌ ڳوٺَ ۾ رَهَندِي آهِيان. ڳوٺ جِي ڀَرِسان هِڪُ باغُ آهي. آچَرَ جي ڏِينهُن آءٌ ۽ اَدا سَلِيمُ، بابا ۽ اَمان سان گڏِجِي باغُ گهُمَڻَ وَياسِين.

باغَ ۾ هَر طَرَفِ ساوَڪِ هُئِي. ڳاڙها، پِيلا ۽ نِيلا گُلَ ٽِڙيَلَ هُئا. باغَ ۾ اَنبَنِ، زيتُونَنِ ۽ ڄَمُنِ جا وَڻَ هُئا. وَٽَنِ تي پَکِي مِٺيُون مِٺيُون ٻولِيُون ٻولي رَهِيا هُئا. باغَ ۾ ٿَڌِي هَوا لَڳِي رَهِي هُئِي. ڪُجهُ دير اَسِين وَڻَ جِي ڇانوَ ۾ ويهِي رَهِياسِين. اَنَ کان پوءِ چوڏولَنِ ۾ چَڙهِي خُوبُ مَزو ماڻِيوسِين.

باغَ جِي ڀَرِسان پاڻِيءَ جو هِڪُ تَلاءُ هو. اُنَ ۾ پَکِي تَرِي رَهِيا هُئا.

اَسان کي باغُ گهُمَڻَ ۾ ڏاڍو مَزو آيو ۽ گهُمِي ڦِرِي مَنجَهندِ جو گهَرِ موٽِي آياسِين.

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گهمڻ | ڇانو | ڀرسان | ڪجھ | تلا | منجهند | ساوڪ |
| ٽڙيل | ڄمن | وٽن | ڦري | ٿڌي | چوڏولن | چڙهي |
| آهيان | زيتونن | مٺيون | لڳي | پکي | ڏينهن | تري |
| آچر | انبن | ٻوليون | هئي | رهندي | گڏجي | ڳوٺ |



# رَنگَ سُجاڻِ

(نَظمُ)

چوڪَرَ توکي رَنگَ ڏيکارِيان، رَنگَ سُجاڻِپُ توکي سيکارِيان.
آهي. هي ؟رَنگُ اِهو تان ڳاڙهو ڏسِ هِنَ رَنگَ جو نالو ڇا
ڳاڙهي رَنگَ جِي صُورَتَ اَهڙِي، چُهُنبَ چِٽُونءَ جِي آهي جهِڙِي.
زَردو جَهِڙو هَيڊَ پَسِين تو. ٻيو جو تُون هِي رَنگُ ڏِسِين تو،
ٽِيون هِي آسِمانِي يا نِيلو! تَنهِن جو نالو آهي پِيل،
نِيرَ ۽ اُپَ جو رَنگُ اِهو ٽِيو، نالو تَنهِن جو تَڏهِن اِهو پِيو.
اَصُلِي رَنگَ اِهي ٽِيا ٽيئِي،جُڙَنِ اِنهِيءَ مان ٻِيا سَيِيئِي!

مُحَمَدُ صِدِيقُ مُسافِرُ

## هيٺين لفظن تي اعراب ڏئي پڙهو

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اصلي | چهنب | رنگ | آسماني | ٽيئي | سيپئي | جڙن |
| چوڪر | انهيءَ | جهڙي | ڏسين | ڏس | ڏيڪاريان | نير |
| تنهن | اپ | ڳاڙهو | سجاڻ | تڏهن | سيڪاريان | هيڊ |
| ٻيو | پسين | چٽونءَ | پيلو | زردو | پيو | تون |

# سُنِيُون ڳالِهيُون

سورٺ ۽ نوري اِسڪُولَ کان آيُون تہ ڏاڍِيُون خُوشِ تِي نَظَرِ آيُون.
سَندَنِ ماءُ چَيو "ڇا ڳالِهہ آهي! اَڄُ تَمَامُ خُوشِ نَظَرِ اَچِي رَهِيُون آهِيو؟"

سورٺ: اَمان! اَڄُ اَسان کي استاد سُنِيُون ڳالِهيُون ٻُڌايُون چَيائِين تہ پِيارا ٻارو! اَسان کي نَنڍي هُوندي کان چَڱا لَڇَڻَ سِکَڻُ گهُرجَنِ، جِيئَن وڏي هُوندي بہ اُهي ڪَمَ اَچَنِ. سَويرَ سُمهَڻَ، سَويرَ اُٿَڻُ، وِهنجِي سِهنجِي صافُ ڪَپڙا پائِڻُ، قُرآنَ جِي تِلاوَتَ ڪَرِڻُ.

نوري: ها اَمان! اُستادَچيو تہ نَندَنِ سان پِيارَ ڪَرِڻُ ۽ وَڏَنِ جو چَيو مَڃَڻُ، پاڙيسرِيُنِ جي ڏُکَ سُکَ ۾ مَدَدَ ڪَرِڻُ ، جَڏهِن بہ وَڏا ڳالِهائِين تہ اُنهَنِ جُون ڳالِهيُون ڌِيانَ سان ٻُڌِجَنِ، وِچَ ۾ نہ ڳالِهائجي. جيڪَڏهِن ڪا ڳالِهہ سَمجَهہ نہ اچِي تہ اِجازَتَ وَٺِي پُڇَڻُ گهُرجي. اُستادَ جو اَدبُ ڪَرِڻُ اِهي سَڀُ چَڱا لَڇَڻَ آهِنِ.

ماءُ: ٻَچڙا اَڄُ توهان کي اِسڪُولَ ۾ تمامُ سُنِيُون ڳالِهيُون ٻُڌايُون وِيون آهن. چَڱو ، هاڻي هَٿُ مُنهُن ڌوئِي اَچو تہ مانئي کائُون.

# پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ




گرمي جي موسم ۾ ٻنپهرن جي وقت هڪ ڪانءَ کي ڏاڍي اُڃ لڳي. ڪانءُ پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو. هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي پاڻيءَ جي ڳولا ڪندو رهيو. پر هُن کي ڪٿي بہ پاڻي نظر نہ آيو. آخر هڪ وڻ جي هيٺان هُن کي هڪ مَٽُ نظر آيو. جنهن ۾ ٿورو پاڻي پيل هو. ڪانءَ پاڻي پيئڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر هُن جي چُهنب پاڻيءَ تائين نہ پهتي. آخر هُن کي هڪ اٽڪل سمجهہ ۾ آئي. هُن ننڍڙيون پٿريون گڏ ڪري مَٽ ۾ وجهڻ شُروع ڪيون. اهڙي طرح پاڻي مٿي آيو ۽ ڪانءَ چڱيءَ طرح پاڻي پي ڍؤُ ڪيو.پوءِ خُوش ٿي اُڏامي ويو.

# لالچ

هِڪِڙي ماڻهوءَ وَٽِ هِڪِڙي ڪُڪِڙِ هُئِي، جيڪا روزُ سونَ جو آنو لاهِيندِي هُئِي. هِڪَ ڏِينهُن لالِچِي ماڻهوءَ سوچِيو تہ ڇو نہ اُنَ ڪُڪِڙِ کي کُهِي اُنَ جي پيٽَ مان سَمُورا آنا ڪَڍِي ڪِپائي هِڪَ ڏِينهَن ۾ اَمِيرُ ٿِي وَڃان.



اِهو سوچِي هُنَ هِڪَ ڏِينهُن ڪُڪِڙِ کي کُنو ۽ سَندَسِ پيٽُ کولي ڏِٺائِين تہ آنا پيٽَ ۾ ڪو نہ آهِن. اِهو حالُ ڏِسِي وائِڙو ٿِي وَيو. دِلِ ۾ سوچِيائِين تہ مُون ڪُڪِڙِ کي ناحَقُ کُنو. جيڪَڏهِن ڪُڪِڙِ کي نہ کُهان ها تہ هُوندَ سَڄِي عُمرِ پَئِي آنا ڏي ها. پَرَ هاڻي اَفسوسُ ڪَرِڻَ مان ڪُجھ ڪو نہ وَرَندو

پِيارا ٻارو! اِهو آهي لالَچِ جو نَتِيجو

# ٻَڌِيءَ ۾ طاقت



هِڪِڙي ڳوٺَ ۾ سَڄَڻُ نالي هِڪُ هارِي رَهَندو هو. هُنَ کي وَلَڻُ، گُلَڻُ ۽ عَلَڻُ نالي ٽي پُٽَ هُئا. جيڪي سَدائِين پاڻَ ۾ وِڙهَندا هُئا. سَڄَڻُ سَندَنِ روزُ روزُ جي جهيڙي مان اَڇِي ڪَڪِ ٿِيو. نيٺِ هُنَ کين سَمجهائِڻَ لاءِ سوچِيو. هِڪَ ڏِينهُن سَڄَڻَ ٽِا ڪَيو جو ٽنهِي پُٽَنِ کي گهُرايائِين ۽ سِپِني کان هَنِيلي پُٽَ وَلَڻَ کي چيائِين : "اَبا! هِيءَ ڪانِي ٽَ ڀَڃِي ڏيکارِ ۽ وَلَڻَ هِڪَدَمُ زورُ ڏِئِي ڪانِي ڀَڃِي رَکِي. وَرِي گُلَڻَ کي چيائِين تَہ "ڀَلا تُون ٻَہ ڪانِيُون گڏي ڀَڃِي ڏيکارِ، ۽ گُلَڻَ اُهي ٻَئِي ڀَڃِي رَکِيُون. پوءِ ڪانِيُنِ جي سَڄِي ڀَرِيءَ ڏي اِشارو ڪَري عَلَڻَ کي چَيائِين "ڀَلا تُون ڪانِيُنِ جِي ڀَرِي تَہ ڀَڃِي ڏيکارِ ، عَلَڻَ گهَڻو زورُ لاتو پَرَ ڪانِيُنِ جِي ڀَرِيءَ کي ڀَڃِي نَہ سَگهِيو. تَڏهِن کين پِيءُ چَيو تَہ " اَبا جي توهان ٻِہ اِنهَنِ ڪانِيُنِ وانگُرُ هِڪُ ٿِي رَهَندا تَہ اوهان کي ڪُجُهہ نَہ ٿِيندو. پَرَ جُدا جُدا هُوندا تَہ نُقصانُ پِرائِيندا.



ISBN 978-9-6962514-3-9